ABC Certified
REG NO. 3833
روزاني
ايڊيٽر: اعجاز مهر
# سنڌيار
سکر
www.dailysindhyar.com
sindhyarskr@gmail.com
(جلد 02) سومر 22 جنوري 2024ع بمطابق 10 رجب المرجب 1445ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو: 237

# ”اڇو ته ظالمن جو مقابلو ڪيون“، پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پي ٽي آءِ جي ورڪرن کان به ووٽ گهري ورتو

17 وزارتون ۽ اشرافيا کي ڏني ويندڙ سبسڊي بند ڪري ٽيندڙ بچت عوام تي خرچ ڪنداسين، نيٽ ڪيسٽائين پنجاب تي ڪڏهن شهباز ته ڪڏهن وسيم اڪرم پلس کي مڙهي لاهور کي سزا ڏني ويندي؟

پ پ کي لاهور ۾ گهٽ انگ جو مهڻو ڏيندڙ وساري ويٺا ته لاهور ۾ ڪارڪنن ذوالفقار علي ڀٽو جي شهادت تي آپگهات ڪيا، بي بي پاڪستان آئي ته لاهور شاندار آجيان ڪئي ۽ ڪيس وزيراعظم بڻايو

10 نڪاتي ايجنڊا تي عمل ڪندي اقتدار ۾ اچي 17 وزارتون ۽ اشرافيا کي ڏني ويندڙ سبسڊي بند ڪنداسين ۽ پئسو عوام تي خرچ ڪنداسين، مون کي وزيراعظم بڻايو ته 5 سالن ۾ توهان جي پگهار ٻيڻي ڪري ڇڏيندس

پي ٽي آءِ جا نوجوان چونڊن ۾ ضرور ووٽ وجهن، توهان جيان پ پ به ن ليگ جا ظلم برداشت ڪيا، نوجوان منهنجو پيغام گهر گهر پهچائين، لاهور ۾ ته ڪو نظر نه پيو اچي، ووٽ کي عزت ڏيو جو نعرو هٽائڻ گم آهن

سولر پينل ذريعي 300 يونٽن تائين بجلي مفت ڏينداسين، عورتن ۽ هارين کي ڪارڊ فراهم ڪنداسين، نيٽ ڪيسٽائين پنجاب تي ڪڏهن شهباز ته ڪڏهن وسيم اڪرم پلس کي مڙهي لاهور کي سزا ڏني ويندي؟

لاهور (م د) پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته اقتدار ۾ اچڻ کانپوءِ 17 وزارتون ۽ اشرافيا کي ڏني ويندڙ سبسڊي بند ڪري ٽيندڙ بچت عوام تي خرچ ڪنداسين. لاهور ۾ چونڊ مهم جي سلسلي ۾ جلسي کي خطاب ڪندي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته نيٽ ڪيسٽائين پنجاب تي ڪڏهن شهباز ته ڪڏهن وسيم اڪرم پلس کي وڙهي لاهور کي سزا ڏني ويندي؟ پ پ کي لاهور ۾ گهٽ انگ جو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

لاهور: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چونڊ جلسي کي خطاب ڪري رهيو آهي

سپريم ڪورٽ چيف جسٽس قاضي فائز
عيسيٰ جي ڪارڪردگي رپورٽ جاري
ڪري ڇڏي

اسلام آباد (م د) سپريم ڪورٽ ٽن مهينن جي رپورٽ ويب سائيٽ تي جاري ڪري ڇڏي. سپريم ڪورٽ جي جاري ڪيل رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته آرٽيڪل 19 اي تحت ڄاڻ تائين پهچ هر شهري جو حق آهي، سپريم ڪورٽ آرٽيڪل 19 اي تحت پهرين ڀيرو پنهنجي ٽن مهينن جي رپورٽ جاري ڪئي، اها رپورٽ سيپٽمبر کان ڊسمبر 2023 تائين جي آهي. رپورٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

# سکر حيدرآباد موٽروي منصوبو مڪمل نه ٿيڻ تي نگران وڏي وزير جو وزيراعظم کي خط

هي موٽروي ڪراچي ۽ گوادر پورٽ وچ ۾ واپاري راهداري جو ذريعو آهن، ايم سڪس چين، افغانستان ۽ وچ ايشيائي رياستن کي ملائي ٿو، پشاور ڪراچي موٽروي منصوبي جا سمورا اهم روڊ مڪمل ٿي چڪا آهن

سڀ کان اهم حصو حيدرآباد سکر لنڪ ايم سڪس اڃا تائين مڪمل ناهي ٿيو، ايم سڪس سائيٽ تي عمل نه ٿيڻ ڳڻتي جوڳي ڳالهه آهي، منصوبي تحت 306 ڪلو ميٽر ڊگهو 6 لين ڪشادو روڊ تعمير ٿيڻ آهي

ايم سڪس تحت سنڌو درياهه تي مين پل، 15 انٽرچينجز ۽ 6 فلاءِ اوور ٺهنديون، ايم سڪس منصوبو اصل سي پيڪ فريم ورڪ پراجيڪٽ جو حصو آهي، افسوس ڪنهن سبب بڻائڻ ڪانسواءِ سي پيڪ مان ڪڍيو ويو

حيدرآباد سکر موٽروي کي جولاءِ 2020ع ۾ اي سي اين اي سي 165 ڊهائي 678 ارب رپين جي لاڳت سان منظور ڪيو، جنهن تي مئي 2021ع ۾ 191 ڊهائي 471 ارب رپين جي لاڳت سان نظرثاني ڪئي وئي

منصوبي کي آخرڪار ڊسمبر 2022ع ۾ پي پي موڊ جي تحت تعمير ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو، 308 ڊهائي 194 ارب رپين جي لاڳت سان بلڊ آپريٽ اينڊ ٽرانسفر فريم ورڪ تي عمل لاءِ منظور ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس رٽائرڊ مقبول باقر نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ کي خط لکي ڇڏيو. سنڌس چوڻ آهي ته خط جو مقصد سکر حيدرآباد موٽروي معاهدي طرف ڌيان ڪرائڻ آهي، مضبوط روڊن جو جار واپار رابطي، ترقي ۽ خوشحالي لاءِ اهم آهي، پشاور کان ڪراچي تائين موٽرويز جو نيٽ ورڪ تمام گهڻي اهميت وارو آهي، هي موٽروي ڪراچي ۽ گوادر پورٽ وچ ۾ واپاري راهداري جو ذريعو آهن، ايم سڪس سائيٽ تي عمل نه ٿيڻ ڳڻتي جوڳي ڳالهه آهي. سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس رٽائرڊ مقبول باقي نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ کي خط لکي ڇڏيو. نگران وڏي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

نگران وڏو وزير جسٽس (ر) مقبول باقر

## پاڪستان 18 ارب روپين جا ماهوار اضافي ٽيڪس لڳائڻ لاءِ تيار، آءِ ايم ايف کي خاطري ڪرائي ڇڏي

15 فيبروري کان اڳ گيس جي قيمت ۾ وڏيڪ اضافو ڪيو ويندو، 216 ارب جا اضافي ٽيڪس صرف ان صورت ۾ لڳايا ويندا

نگران حڪومت مالي سال جي پهرين ڇهن مهينن ۾ پرائمري بجيٽ کي سرپلس رکڻ جو هدف حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام رهي آهي

پاڪستان ڊسمبر جي ٽه ماهي گيس ٽيرف ايڊجسٽمينٽ جو نوٽيفڪيشن 15 فيبروري تائين جاري ڪندو: اسٽاف ليول رپورٽ

اسلام آباد (م د) روينيو حدف پورا نه ٿيڻ تي پاڪستان آءِ ايم ايف کي يقين ڏياري ڇڏيو آهي ته 15 فيبروري کان اڳ گيس جي قيمت ۾ وڏيڪ اضافو ڪيو ويندو جڏهن ته اهڙي طرح پاڪستان هر مهيني 18 ارب روپين جا اضافي ٽيڪس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

## مخالفن کي روئارڻ جي خواهش رکندڙن سبب اڄ سڄو ملڪ روئي رهيو آهي: مريم نواز

2018 کان 2022 تائين نااهلي جو اثر سڄي پاڪستان ڏٺو ۽ ڀوڳيو، عورتون روئي رهيون آهن ته گهرن ۾ گئس نه پئي اچي

ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ نواز شريف، شهباز شريف جي خدمت جا نشان آهن، خدمت ڏکيو ڪم هوندو آهي

عوام کي خبر آهي ته ڪنهن ڪم ڪيو ۽ ڪنهن انتقام ورتو، ڪنهن ڪوڙ ڳالهايو: اجلاس کي خطاب

لاهور (م د) ن ليگ جي نائب صدر مريم نواز چيو آهي ته 2018 کان 2022 تائين نااهلي جو اثر سڄي پاڪستان ڏٺو ۽ ڀوڳيو، عورتون روئي رهيون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

لاهور: نواز ليگ جي نائب صدر مريم نواز پارٽي اجلاس کي خطاب ڪندي

اسرائيل: ڪابينا ۾ اختلاف،
بچاءَ واري وزير جي وزيراعظم
آفيس تي چڙهائي

تل ابيب (م د) اسرائيلي بچاءَ واري وزير يو او گيلنٽ وزيراعظم نيتن ياهو جي آفيس تي چڙهائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

## چين جو نائب پرڏيهي وزير سن ويدونگ اسلام آباد پهچي ويو

سي پيڪ جي گڏيل ورڪنگ گروپ جو عالمي سهڪار ۽ رابطن بابت اجلاس

چيني نائب پرڏيهي وزير جي اعليٰ قيادت سان ملاقات جو به امڪان

چين جو نائب پرڏيهي وزير سن ويدونگ اسلام آباد پهچي ويو آهي. پرڏيهي آفيس جي ترجمان موجب چيني نائب پرڏيهي وزير سي پيڪ جوائنٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

## هزارين اسرائيلي روڊن تي، نيتن ياهو شيطاني چهرو قرار

يرغمالين جي آزادي ۾ حڪومتي ناڪاميءَ تي مظاهرو ڪيو ويو

هن حڪومت کي هاڻ گهر پيڙو ٿيڻو پوندو: مظاهرين

تل ابيب (م د) اسرائيلي راڄڌاني تل ابيب ۾ هزارين ماڻهن احتجاجي مظاهري دوران اسرائيلي وزيراعظم ۽ حڪومت خلاف سخت تعريبازي ڪندي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

## هلندڙ مالي سال جي پهرين 6 مهينن ۾ ايران مان درآمدن ۾ 16 سيڪڙو واڌ

جولاءِ کان ڊسمبر 2023 تائين ايران مان درآمدون 48 ڪروڙ 27 لک ڊالر رهيون

گذريل مهيني ايران مان درآمدن جو ڪاٿو 8 ڪروڙ 92 لک ڊالر رهيو

اسلام آباد (م د) هلندڙ مالي سال جي پهرين 6 مهينن ۾ ايران مان درآمدن ۾ 16 سيڪڙو واڌ رڪارڊ ڪئي وئي. ذريعن موجب جولاءِ کان ڊسمبر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

## احسن اقبال جي ڪاوڙ ثابت ڪري ٿي ته نواز شريف بلاول ڀٽو کان هارائي ويندو: فيصل ڪريم ڪنڊي

اڳوڻي وزيراعظم نواز شريف کي گهرجي ته پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سان ٽيليويزن تي اچي مباحثو ڪري

پ پ چيئرمين جي خواهش آهي ته سنڌس مخالف عوام جي عدالت ۾ اچي پاڻ کي پيش ڪن

بلاول ڀٽو جي عوامي منشور مخالفن کي پريشان ڪيو، نواز شريف جڏهن به اقتدار ۾ آيو ملازمن جي برطرفين جو طوفان مچايو

پشاور (م د) پيپلزپارٽي جي اڳواڻ فيصل ڪريم ڪنڊي چيو آهي ته احسن اقبال جي ڪاوڙ ثابت ڪري ٿي ته نواز شريف مباحثي ۾ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري کان هارائي ويندو. بلاول ڀٽو جي عوامي منشور مخالفن کي پريشان ڪري ڇڏيو آهي، نواز شريف جڏهن به اقتدار ۾ آيو ملازمن جي برطرفين جو طوفان مچايو. ن ليگ اڳواڻ احسن اقبال جي بيان تي ردعمل ڏيندي فيصل ڪريم ڪنڊي چيو ته اڳوڻي وزيراعظم نواز شريف کي گهرجي ته پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سان ٽيليويزن تي اچي مباحثو ڪري. سنڌس چوڻ هو ته احسن اقبال جي ڪاوڙ ثابت ڪري ٿي ته نواز شريف مباحثي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

سيالڪوٽ: نواز ليگ اڳواڻ خواجا آصف ڪارنر گڏجاڻي کي خطاب ڪندي

## اسان جو نظام ڪرپشن جي ورچڙهيل آهي ان ڪانسواءِ ڪو ڪم نٿو ٿئي: محمد احمد شاهه

ٻاهرين دنيا ۾ جن معاملن تي سزايون ڏنيون وينديون آهن پاڪستان ۾ ان جي برعڪس ايوارڊ ڏنا ويندا آهن

اها اسان جي بدقسمتي آهي ته پاڪستان جو مستقبل هاڻي ملڪ مان مايوس ٿي ڪري پرڏيهه وڃي رهيو آهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي اطلاعات ۽ اقليتي معاملن جي نگران صوبائي وزير محمد احمد شاهه چيو آهي ته آباد جي بجاءِ صرف ماڻهن کي هزارين ايڪڙ زمين سرڪاري سطح ڏني وڃي ٿي آباد کي چوڻ ڏني وئي، اسان جو نظام اهڙي طرح ٺهيل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

## لاهور وارن ثابت ڪري ڇڏيو ته اهي جمهوريت جا چاهيندڙ آهن: آصفه ڀٽو زرداري

تاريخي جلسوان ڳالهه جو ثبوت آهي ته لاهور وارن چوٿون ڀيرو وزيراعظم بڻجڻ جو خواب ڏسندڙ کي رد ڪري ڇڏيو آهي

سڀ ڏسي رهيا آهن ته لاهور بلاول ڀٽو زرداري سان گڏ بيٺو آهي، ن ليگ لاهور وارن جو اهڙو پاور شو نه ڪري سگهي

جيڪڏهن ن ليگ جي وزارت عظميٰ جي اميدوار ۾ همت هجي ها ته ٽي وي تي لائيو اچي منهن ڏئي ها

لاهور (م د) آصفه ڀٽو زرداري بلاول ڀٽو زرداري جي جلسي ۾ وڏي انگ ۾ شرڪت تي لاهور جي عوام جا ٿورا مڃيا آهن. آصفه ڀٽو زرداري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

لاهور: پ پ اڳواڻ آصفه ڀٽو زرداري ڪارڪنن جي نعرن جو هٿ لوڏي جواب ڏئي رهي آهي

پنجاب جي نگران حڪومت
صحافين کي پلاٽ ڏيڻ جو
اعلان ڪري ڇڏيو

لاهور (م د) پنجاب جي نگران حڪومت صحافين کي پلاٽ ڏيڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو. پنجاب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

## ڪراچي ۾ پ پ ۽ تحريڪ انصاف جي آفيسن تي حملا، اميدوار سميت ڪارڪن زخمي

حيدري ٿاڻي جي حد اين اي 250 ۽ پي ايس 129 ۾ پيپلزپارٽي جي آفيس تي حملو، 4 ڪارڪن زخمي ٿي پيا

اين اي 248 جي اميدوار ارسلان خان سميت پي ٽي آءِ جا 10 کان وڌيڪ ڪارڪن ايم ڪيو ايم جي حملي ۾ زخمي ٿيا: پي ٽي آءِ

ڪراچي (م د) ڪراچي ۾ پيپلزپارٽي ۽ تحريڪ انصاف جي آفيسن تي حملن سبب ڪيترائي ڪارڪن زخمي ٿي پيا آهن. حيدري ٿاڻي جي حد اين اي 250 ۽ پي ايس 129 ۾ پيپلزپارٽي جي آفيس تي حملو ڪيو ويو جنهن ۾ 4 ڪارڪن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

## عمران خان کي جيل ۾ وجهڻ جي خواهش نواز ليگ جي هئي: سعيد غني

ايم ڪيو ايم شهرين کي هراسان ڪري رهي آهي، مصطفيٰ ڪمال ايم ڪيو ايم جي تابوت ۾ آخري ڪوڪو به هڻي ڇڏيو

مصطفيٰ ڪمال چيو هو ته اسان ويڙهه ڪرڻ چاهيون ته ڪو به اسان کان کٽي نه ٿو سگهي

ن ليگ جي خواهش تي اليڪشن جي تاريخ وڌائي وئي ۽ پي ٽي آءِ باني کي جيل ۾ وڌو ويو

ڪراچي (رپورٽر) پ پ اڳواڻ سعيد غني چيو آهي ته پي ٽي آءِ باني کي جيل ۾ وجهڻ جي خواهش ن ليگ جي هئي ۽ هن جي ئي خواهش تي اليڪشن جي تاريخ وڌائي وئي. سعيد غني چيو ته ايم ڪيو ايم خدمت ته پر شهرين کي هراسان ڪري رهي آهي، مصطفيٰ ڪمال ايم ڪيو ايم جي تابوت ۾ آخري ڪوڪو به هڻي ڇڏيو. ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي سعيد غني چيو ته ايم ڪيو ايم جو خيال هو ته سينٽرل ضلعي ۾ ڪا پي پارٽي آفيس نه ٿي کولي سگهي. مصطفيٰ ڪمال چيو هو ته اسان ويڙهه ڪرڻ چاهيون ته ڪو به اسان کان کٽي نه ٿو سگهي، جاچ ڪئي وڃي ته ڪنهن جي هدايت تي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16


لاهور: نگران وفاقي وزير عتيق احمد تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

## ڪراچي جي وڏين اسپتالن ۾ سي ٽي اسڪين لاءِ لڳائي ويندڙ انجيڪشن گم

اسپتالن مان گم 3 کان 4 هزار رپين ۾ ملندڙ اها انجيڪشن 8 هزار رپين ۾ ملڻ لڳي

جيڪڏهن انجيڪشن موجود ناهي ته اها صورتحال سنجيده آهي: نگران وڏو وزير

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي وڏين سرڪاري اسپتالن ۾ سي ٽي اسڪين لاءِ لڳائي ويندڙ انجيڪشن دستياب ناهي. ذريعن موجب سي ٽي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

## جمعيت علماءِ نوراني گروپ پ پ جي حمايت ڪري ڇڏي

جماعت سڄي ملڪ ۾ پ پ اميدوارن جي حمايت ڪندي: صفدر شاهه گيلاني

پ پ فرقي واريت خلاف آهي، تنهن ڪري حمايت قومي فرض آهي

اسلام آباد (م د) جمعيت علماءِ پاڪستان جي نوراني گروپ 8 فيبروري تي ٿيندڙ عام چونڊن ۾ پ پ جي حمايت جو اعلان ڪري ڇڏيو پ پ اڳواڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

ڪراچي: ميئر مرتضيٰ وهاب جديد ڪراچي جي باني جمشيد نسروانجي جي سالگرهه جو ڪيڪ ڪاٽي رهيو آهي

## ڪچي ۾ رينجرز ۽ پوليس جو گڏيل آپريشن، جاگيراڻي گينگ هٿيار ڦٽا ڪري ڇڏيا

رينجرز ونگ ڪمانڊر ۽ ايس ايس پي ڪشمور جي سربراهي ۾ رينجرز ۽ پوليس طرفان ڪچو بندي واري علائقي کي ڪوڙو برقرار

جاگيراڻي گينگ جي ڏاڙيل حمير جاگيراڻي هٿيار ڦٽا ڪري پاڻ کي قانون جي حوالي ڪري ڇڏيو: رينجرز ترجمان

پيا گينگ کي به ڪوڙو چاڙهيو ويو، دراني مهر، دودا پڪٽ، آردي 219، ٽوڙي بنگلو، قياس پيو ۽ ٻين علائقن ۾ گشت وڌائڻ جو حڪم

سکر (م د) سنڌ جي ڪچي واري علائقي ۾ رينجرز ۽ پوليس جو گڏيل آپريشن جاري، جاگيراڻي گينگ هٿيار ڦٽا ڪري ڇڏيا، رينجرز ونگ ڪمانڊر ۽ ايس ايس پي ڪشمور جي سربراهي ۾ رينجرز ۽ پوليس طرفان ڪچو بندي واري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

## ملير: گهگهر ڦاٽڪ ڀرسان عورت سان مبينا اجتماعي زيادتي، 2 جوابدار گرفتار

ڳوٺ ابراهيم جوکيو واسي پيڻ سان زيادتي جو ڪيس داخل ڪرائي ڇڏيو، 6 جوابدار نامزد

پائٽيي فون ڪري ٻڌايو ته زيادتي بعد ڀيڻ جي حالت خراب ٿي وئي، جنهن کي جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو

فريادي ڌران سمورن جوابدارن کي گرفتار ڪري انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو

ملير (رپورٽر) ملير ۾ گهگهر ڦاٽڪ ڀرسان عورت مبينا اجتماعي زيادتي جو شڪار بڻجي وئي. ڳوٺ ابراهيم جوکيو واسي پيڻ سان زيادتي جو ڪيس داخل ڪرائي ڇڏيو. ڪيس ۾ نامزد 6 جوابدارن مان 2 جوابدار حفيظ ۽ سڪندر کي گرفتار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

## پاڪستان ۾ 2 ڪروڙ 62 لک ٻار اسڪول وڃڻ کان محروم آهن: رپورٽ جاري

پنجاب ۾ هڪ ڪروڙ 17 لک 30 هزار ٻار ۽ سنڌ ۾ 76 لک 30 هزار ٻار تعليم کان محروم آهن

ڪي پي ڪي ۾ 36 لک 3 هزار ۽ بلوچستان ۾ 31 لک 30 هزار ٻار تعليم کان محروم آهن

اسلام آباد (م د) وفاقي تعليم واري وزارت جي رپورٽ ۾ انڪشاف ڪيو ويو آهي ته پاڪستان ۾ 2 ڪروڙ 62 لک ٻار اسڪول وڃڻ کان محروم آهن. 2021-2022 جي ڊيٽا تي هڪ رپورٽ تيار ڪئي وئي آهي جيڪا سپائي جاري ڪئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

## سي ايس ايس امتحان ۾ اميدوارن جي شيٽس جي تبديلي جو انڪشاف

ايف آءِ اي سيڪريسي برانچ جي اسسٽنٽ نديم کي گرفتار ڪري ورتو

جوابدار نديم 2022 جي ٿيل امتحانن ۾ جوابن جون شيٽس تبديل ڪيون

اسلام آباد (م د) فيڊرل پبلڪ سروس ڪميشن (ايف پي ايس سي) تحت سينٽرل سپيريئر سروسز (سي ايس ايس) جي امتحانن ۾ پيپرن جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

## پ پ رت ۾ ٻوڙي ٿي، ڪير پارٽي کان جدا نٿو ڪري سگهي: اعتزاز احسن

مون کي هر هر چيو ويندو هو ته وڪيلن جي تحريڪ جي اڳواڻي ڪرڻي ڇڏي ته پوءِ پ پ ڇڏي اچ

ماضي ۾ تصور پيدا ڪيو ويو ته ڄڻ مان پ پ ۾ ناهيان، اهو تصور بلڪل غلط هو مان توهان جي سامهون آهيان

لاهور (م د) سينيئر قانوندان اعتزاز احسن چيو آهي ته پ پ منهنجي فيملي آهي، رت ۾ ٻوڙي ٿي، پارٽي کي مون کان ڪير به جدا نٿو ڪري سگهي. لاهور ۾ پ پ جي جلسي کي خطاب ڪندي اعتزاز احسن چيو ته هتي 10 سال اڳ وڪيلن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

## ماهرنگ جن ماڻهن کي گم ٿيل چئي ٿي اهي دهشتگرد ايران ۾ مارجي ويا: جان اڇڪزئي

پاڪستان تي الزام لڳائڻ لاءِ دشمن ايجنسيون ڊرٽي جي لاءِ لڳايل ڪيمپ کي نشانو بڻائي سگهن ٿيون

پاڪستان کي هن وقت تمام گهڻيون ڪاميابيون مليل هيون آهن، هي ٽولو پابندي مڙهيل تنظيمن جي ڍال بڻجي رهيو آهي

هي ماڻهو اسلام آباد ۾ تخريبڪاري لاءِ ويٺل آهن اهي ماڻهو امن امان جي صورتحال خراب ڪرڻ جو سبب بڻجي سگهن ٿا

ڪوئيٽا (م د) بلوچستان جي اطلاعات بابت نگران وزير جان اڇڪزئي چيو آهي ته اسلام آباد ڌرڻي ۾ ماسڪ پاتل ماڻهو پابندي مڙهيل تنظيمن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

افغانستان جي صوبي بدخشان جي ڏکڻ
اوير حصي ۾ پارٽي مسافر جهاز ڪري
تباهه ٿي ويو

ڪابل (م د) افغانستان جي صوبي بدخشان جي ڏکڻ اوير حصي ۾ پارٽي مسافر جهاز ڪري تباهه /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

بلوچستان جو نگران صوبائي وزير جان اڇڪزئي

## پنجاب ڪابينه پارن چونڊن جي انتظامن ۽ سيڪيورٽي لاءِ 4 ارب روپين جي منظوري

پنجاب جي نگران وڏي وزير محسن نقوي جي صدارت هيٺ پنجاب ڪابينه جو 36 هون اجلاس ٿيو

اميدوارن کي آزاد چونڊ سرگرمين جي اجازت هوندي، فري اينڊ فيئر چونڊون منعقد ڪرڻ هر صورت ۾ يقيني بڻايو ويندو: محسن نقوي

سمورين پارٽين کي هڪ جهڙي ليول پليئنگ فيلڊ ڏني ويندي، پاڪ فوج يا ادارن جي خلاف تقرير ڪرڻ تي ڪارروائي ڪئي ويندي

لاهور (م د) پنجاب ڪابينه چونڊن جي فول پروف انتظامن ۽ سيڪيورٽي لاءِ 4 ارب 10 ڪروڙ روپين جا فنڊ جاري ڪرڻ جي منظوري ڏني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

لاهور: نواز ليگ اڳواڻ خواجا سعد رفيق تقريب کي خطاب ڪندي

شهدادڪوٽ ۾ همراهه ڪارڪن
الزام هيٺ مگينديءَ کي قتل
ڪري ڇڏيو

شهدادڪوٽ (م د) شهدادڪوٽ ڀرسان ڳوٺ علي مراد جتوئي ۾ مگيندي ۽ سئوٽ 17 ورهين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

## ڪراچي ۾ شادي کان هڪ ڏينهن اڳ نوجوان دوست هٿان قتل

اسامه جو لاش گذريل ڏينهن مليو، والد جي فرياد تي قتل جو ڪيس داخل

پوليس واردات ۾ استعمال ٿيل گاڏي برآمد ڪري ورتي، رت جا نمونا به حاصل ڪيا ويا

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ شادي جو گهر ماتم ۾ تبديل ٿي ويو شادي کان هڪ ڏينهن اڳ اسامه جاويد نالي نوجوان کي پنهنجي دوست قتل ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

## اوستا محمد: پئسن جي ڏيتي ليتي تان هڪ ڄڻو قتل

اطلاع تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي مقتول جو لاش اسپتال منتقل ڪيو

پئسن ڏيتي ليتي تان محمد بخش کي قتل ڪيو ويو آهي: پوليس

اوستا محمد (م د) اوستا محمد ۾ وين اڏي تي هٿيارٻندن فائرنگ ۾ هڪ ڄڻو ماري ويا. اطلاع تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي مقتول جو لاش /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

## آمريڪا ۽ ڪئناڊا ۾ شديد ٿڌ سبب 85 ماڻهو فوت، ڍنڍ به ڄمي وئي

شديد برفباري ۽ روڊن تي ترڪڻ سبب ڪيترن ئي علائقن ۾ ٽريفڪ حادثا به ڏسڻ ۾ آيا

آمريڪي رياست مشي گن ۾ سخت سيءَ سبب ڍنڍ ڄمي وئي جنهن خوبصورت نظارو پيش ڪيو

واشنگٽن/اوٽاوا (م د) آمريڪا ۽ ڪئناڊا ۾ شديد برفباري سبب ٿڌ جي شدت وڌيڪ وڌي وئي جنهن سبب عام زندگي خراب ٿيڻ سان گڏ ٿي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

## طورخم سرحد نائين ڏينهن به بند، ناٽي کي اربين روپين جو نقصان

پاڪستاني بارڊر اختيارين طورخم بارڊر تي واپارين کي ڊرائيورن جي ويزا سان مشروط ڪري ڇڏيو

ٻنهي طرفن کان فروٽ ۽ مختلف ڀاڄين سان ڀريل هزارين گاڏيون 9 ڏينهن کان بيٺل آهن: رپورٽر

پشاور (م د) طورخم بارڊر تي اڄ نائين ڏينهن به واپاري سرگرميون معطل آهن. بارڊر جي ٻنهي پاسن کان سوين مال بردار گاڏين جون ڊگهيون قطارون لڳل آهن، پاڪستاني بارڊر اختيارين طورخم بارڊر تي واپارين کي ڊرائيورن جي ويزا سان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

## ڪراچي ۾ شاگرد کي اغوا ڪرڻ جي الزام هيٺ ڪسٽم انسپيڪٽر سميت 3 ڄڻا گرفتار

پوليس ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي گڏيل ڪارروائي، ٻنگ لاءِ اغوا ڪندڙ گروهه کي پڪڙڻ جي دعويٰ

شاگرد وجاهت کي اغوا ڪري ڪرپٽو ڪرنسي جي صورت ۾ 50 هزار ڊالر ٻنگ گهريو ويو هو: ايس ايس پي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ شاگرد کي اغوا ڪرڻ جي الزام هيٺ ڪسٽم انسپيڪٽر سميت 3 ڄڻا گرفتار ڪيا ويا. ڪراچي پوليس ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن گڏيل ڪارروائي ڪئي، ٻنگ لاءِ اغوا ڪندڙ گروهه کي پڪڙڻ جي دعويٰ ڪئي وئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

# ٺڪراٽو ۾ پي ايس 22 جي پ پ اميدوار جام اڪرام الله ڏاريجو چونڊ مهم تيز ڪري ڇڏي

پ پ اميدوار اڪرام الله ڏاريجو رئيس امام بخش مهتم وٽ پهچي ڪارڪنن کي ووٽ ڏيڻ جي اپيل ڪئي

جام اڪرام الله ڏاريجو سان گڏ معزز شخصيت احمد زمان خان مهتم، عزيز رحمان خان مهتم، شير محمد خان مهر ۽ ٻيا گڏ هئا

بلاڪ جا ڪم ڪرايا آهن روڊ رستا ٺهن پيا، پاڪستان پيپلزپارٽي سيني کي گڏ ڪٺي هلندي آهي : اڪرام الله ڏاريجو

ٺڪراٽو (ن سنڌيار) ٺڪراٽو ۾ پي ايس 22 جي پ پ اميدوار جام اڪرام الله ڏاريجو چونڊ مهم تيز ڪري ڇڏي، پ پ اميدوار اڪرام الله ڏاريجو ٺڪراٽو ۾ رئيس امام بخش مهتم وٽ پهچي ڪارڪنن کي ووٽ ڏيڻ جي اپيل ان موقعي تي پ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ٺڪراٽو : جام اڪرام الله ڏاريجو ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

# جهڏو پرسان ڳوٺ سائينداد علياڻي ۾ پراڻ جا بند مضبوط نه ٿيڻ خلاف ڳوٺاڻن پاران احتجاجي مظاهرو

ڳوٺاڻن منظور علياڻي، شريف علياڻي، رحمت علياڻي، عيسا علياڻي جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو، سخت نعريبازي

اسان ڪيترائي مهينا عورتن، ٻارڙن ۽ پيرسن سان گڏ روڊن رستن ۽ اسڪولن ۾ عذابن واري زندگي گذاريندا آهيون : مظاهرين

پراڻ جي بحالي لاءِ آل لائين ريبن جو بجيٽ سرڪاري ڪامورا ۽ ايريگيشن انتظاميا ملي ڀڳت ڪري هڙپ ڪيو وڃن، نوٽيس ورتو وڃي

جهڏو (رپورٽر) جهڏو پرسان ڳوٺ سائينداد علياڻي ۾ پراڻ جا بند مضبوط نه ٿيڻ خلاف ڳوٺاڻن احتجاجي مظاهرو ڪيو ڳوٺاڻن منظور علياڻي، شريف علياڻي، رحمت علياڻي، عيسا علياڻي جي اڳواڻي ۽ احتجاج ڪندي چيو آهي ته اسان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

منياڻي ٽاڻي جي حد پانڌي جي
اسٽاپ تي ٽن دڪانن کي
نامعلوم چور ڪاٽ هڻي ڀڃي ويا

منياڻي (رپورٽر) منياڻي ٿاڻي جي حد پانڌي جي اسٽاپ تي ٽن دڪانن کي نامعلوم چور ڪاٽ هڻي ڀڃي ويا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

جهڏو : ڳوٺاڻا بند مضبوط نه ٿيڻ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

# ڪراچي شهر ۾ ڪليل مين هولز تي ڍڪڻ جي مهم جو باضابطا آغاز

سمورن ضلعن ۾ مين هولز ڪورز جي مهم باضابطا طور تي شروع ڪئي وئي آهي : ميئر ڪراچي

پهرين مرحلي ۾ چار ضلعن سينٽرل، ويسٽ، ڪياماڙي ۽ ڪورنگي ۾ مين هولز ڪورز مهم هلائي ويندي

لاڳاپيل ايگزيڪيوٽو انجنيئرز ۽ چونڊيل يوسي چيئرمين جي نگراني ۾ مين هولز جا ڍڪڻ لڳايا ويندا

ڪراچي (رپورٽر) ميئر ڪراچي ۽ چيئرمين ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن بيرسٽر مرتضيٰ وهاب پاران ڪراچي شهر جي نيڪالي واري نظام کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ لاءِ هڪ اهم قدم کڻندي سمورن شهر ۾ ڪليل مين هولز تي ڍڪڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

# مورو پرسان ڳوٺ غلام حيدر ڪوريجو جي رهواسين پاران فائرنگ ڪري ڌمڪائڻ خلاف مظاهرو

رهواسين مٿان فائرنگ ڪري ڌمڪائڻ واري عمل خلاف ڳوٺاڻن، سياسي، سماجي، تنظيمن ۽ وڪيل برادريءَ پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

هڪ ئي رات ۾ اسان جي ڳوٺ مان چار چوريون ڪيون ويون جنهن ۾ بجلي جو ٽرانسفارمر لاهي سامان ڪڍي چوري ڪيو ويو آهي : مظاهرين

بااثر جوابدارن پوليس جي موجودگي ۾ سڌا فائر ڪيا ۽ سروڻ لڻ جو استعمال ڪيو ويو، معاملي جو نوٽيس وٺي واهر ڪئي وڃي

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) مورو پرسان ڳوٺ غلام حيدر ڪوريجو ۽ آسپاس وارن علائقن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

سنڌ اندر پير فقيرن جي درگاهون تي
ميلن جون تقريبات منعقد ٿيڻ بهترين
ڪم آهي : اعجاز احمد لغاري

نشون ديرو (رپورٽ شاد محمود پٽو) درگاهه گرگهل شاهه جي ميلا ڪاميٽي جي چيئرمين سجاد حسين جنڊ ۽ مزار جي متولي فقير علي حسن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

نوشهروفيروز : ڳوٺاڻا بااثرن خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

# سکر جي شهيد صحافي جان محمد مهر جا اصل قاتل گرفتار نه ٿي سگهيا

صحافين پاران 161 ڏينهن به احتجاجي تحريڪ جاري رکي قاتلن جي گرفتاري لاءِ زوردار نعريبازي ڪئي وئي

نگران سنڌ حڪومت شهيد جان محمد مهر جي ڪيس تي خاموشي اختيار ڪئي آهي : مظاهرين جون دانهون

شهيد جي وجوڙي کي 161 ڏينهن ٿي ويا صحافي سراپا احتجاج آهن، نوٽيس وٺي قاتلن کي گرفتار ڪيو وڃي

سکر (رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ) سکر جي شهيد صحافي جان محمد مهر جا اصل قاتل اڃان تائين گرفتار نه ڪيا ويا ، سکر پوليس جي خاموش تماشائي وارو ڪردار برقرار، صحافين پاران 161 ڏينهن به احتجاجي تحريڪ جاري رکي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

# شڪارپور ۾ پ پ اميدوار امتياز احمد شيخ پاران مختلف پولنگ اسٽيشنز جي ڳوٺن جا دورا

پ پ اميدوار صاحب خان ڪاڪيپوٽو ۾ جميل احمد ڪاڪيپوٽو، ڳوٺ نبي بخش خان بروهي ۽ ٻين ڳوٺن جا دورا ڪيا

پرچونڊ برادري جي ماڻهن شاندار استقبال ڪندي پيپلزپارٽي اميدوار جي ڀرپور مدد ۽ حمايت جو اعلان ڪيو

ڳوٺ ابدال ۾ امام الدين معرفاڻي ۽ ڪريم داد، مقدم چاڪر خان جعفري پاران لنچ ۽ ڪارنر گڏجاڻي ٿي

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) اليڪشن مهم جي سلسلي ۾ پيپلزپارٽي اڳواڻ ۽ نامزد اميدوار پي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

مورو جي وڏيرو علي اصغر
سولنگي جي چاليهي جي
تقريب ٿي گذري

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) مورو جي معزز شخصيت وڏيرو علي اصغر سولنگي جي چاليهي جي تقريب سنڌس ڳوٺ وڏيرو علي اصغر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

شڪارپور : دوري دوران پ پ اڳواڻ امتياز شيخ جو ورڪل گروپ فوٽو

# پ پ پاران بدين ۽ ٽنڊو باگو تڪن تي اميدوارن جي نامزدگي ۾ غلط فيصلي جو اقرار

نظرانداز ڪيل پراڻن مقامي اڳواڻن کي فريال ٽالپر طلب ڪري ورتو، ارباب امير امان الله ۽ تاج محمد ملاح کي چونڊ ڪنرائڻ جو ٽاسڪ ڏنو ويو

بلاول ڀٽو جلسي ۾ چيو هو ته ٽڪيٽن جي ورهاست ۾ غلطيون ٿيون هونديون پر پارٽي ڪارڪن اختلاف وساري نامزد اميدوارن کي ڪامياب ڪرايو

ٽڪيٽن جي ورهاست ۾ نظرانداز ٿيل پارٽي جي پراڻن ۽ مقامي اڳواڻن سان فريال ٽالپر پاران رابطا شروع ڪيا ويا آهن : ذريعا

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) پيپلز پارٽي جي اعليٰ قيادت پاران بدين ۽ ٽنڊو باگو تڪن تي اميدوارن جي نامزدگي ۾ غلط فيصلي جو اقرار نظرانداز ڪيل پراڻن مقامي اڳواڻن کي فريال ٽالپر طلب ڪري ورتو ۽ کين هر صورت ۾ ارباب امير /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

# ٺٽي ۾ جيئي سنڌ تحريڪ پاران احتجاجي مظاهرو، نعريبازي

مرڪزي اڳواڻ راول ڪرناڻي، ضلعي صدر امجد شورو، ڪامريڊ اڪبر بروهي ۽ ٻين احتجاج ڪيو

جيئي سنڌ تحريڪ جي نصير منگي، جسقم جي ارباب پيل ۽ ٻين ڪارڪنن گم ڪيو ويو آهي : مظاهرين

قومي ڪارڪنن جو ڏوهه اهو آهي ته سنڌ جي حقن جي ڳالهه ڪن ٿا، کين جلد آزاد ڪيو وڃي

ٺٽو (جاويد لطيف ميمڻ) جيئي سنڌ تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ راول ڪرناڻي، جيئي سنڌ معاذ جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

اسان عوام جي اصل مسئلن
کي حل ڪرڻ چاهيون ٿا :
خليفو اشفاق ميمڻ

ڪڍڻ (رپورٽ محرم علي ملاح) تعلقي بدين جي پي ايس 71 تي تحريڪ انصاف جي اميدوار جون عوامي پريس سان ڪيل رابطي تي چيو اسان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

ٺٽو : قومي ڪارڪنن جي گرفتارين خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

حيدرآباد ۾ بلوچن جي نسل
ڪُشي ۽ سياسي ڪارڪنن کي
ڪنيي ڪٽي گم ڪرڻ خلاف ريلي

حيدرآباد (رپورٽر) بلوچن جي نسل ڪُشي ۽ سياسي ڪارڪنن کي ڪنيي ڪٽي گم ڪرڻ خلاف ليفٽ ڊيموڪريٽڪ فرنٽ پاران اعلاڻيل احتجاج جي سلسلي ۾ حيدرآباد ۾ به اولڊ ڪيمپس کان پريس ڪلب تائين مارچ ڪيو ويو مارچ ۾ شامل عورتن ۽ شاگردن جي هٿ ۾ پلي ڪارڊ هئا ۽ بلوچ عوام جي حق ۾ سخت نعريبازي ڪئي وئي، احتجاجي ميڙ کي عوامي ورڪرز /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

# وڏي عرصي کان اقتداري ڌرين سنڌ کي ڦريو ۽ لٽيو آهي : محمد فاضل زئور

عوام کي ووٽ جي طاقت سان اليڪشن ۾ غريب عوام ۽ سنڌ دشمن ذهنيت کي شڪست ڏيڻ گهرجي

عوام اليڪشن واري ڏينهن گليل تي ٺپو هڻي پنهنجو پاڻ کي ڪامياب ڪري ته خدمت ڪندس

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) گڏريل وڏي عرصي کان اقتداري ڌرين سنڌ کي ڦريو ۽ لٽيو آهي ۽ غريب عوام جي مٿان پنهنجي عياشين جي خرچن جا پهاڙ ڪيرائي غريب عوام کي هترادو مهنگائي سبب جيئڻ جنجال بڻايو آهي جهنڪري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

# سامارو پرسان ٻن الڳ الڳ روڊ حادثن ۾ هڪ عورت سميت 3 ڄڻا سخت زخمي

روڊ حادثن سامارو پرسان ڪنري روڊ درياخان دل رستي تي ڪار کي بچائيندي حادثو پيش آيو

سامارو روڊ واسي 50 ساله وسايو ولد چنواوڙ پڻ موٽر سائيڪل تان ڪري سخت زخمي ٿي پيو

سامارو (رپورٽر) سامارو پرسان ٻن الڳ الڳ روڊ حادثن ۾ هڪ عورت سميت 3 ڄڻا سخت زخمي تعلقه اسپتال سامارو ۾ داخل هڪ ڄڻو جهڏو جي ڳوٺ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

# ڪڍڻ ۾ آزاد اميدوار بيٽنل اميدوار سياسي سرگرميون تيز ڪري ڇڏيون

منهنجو منشور آهي ته عوام کي بنيادي سهولتون ملي سگهن : سردار انور ملاح

اڳوڻي ايم پي اي عوام کان ڪوڙن آرڊرن ذريعي لٽ مار ڪئي پر ڪا سار نه لڌي

ڪڍڻ (رپورٽ محرم علي ملاح) تعلقي بدين جي پي ايس 71 تي سياسي اميدوارن کي پوئتي ڌڪي آزاد اميدوار بيٽنل اميدوار سياسي سرگرميون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

# شڪارپور ۾ انجمن طلباءِ اسلام کي 56 سال مڪمل ٿيڻ تي تقريب

عشق مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم طلباءِ سيمينار منعقد ڪيو ويو، اڳواڻن جي وڏي انگ ۾ شرڪت

محمد اطهرالدين قادري، ايڊووڪيٽ خالد حسين شيخ، واحد علي سلطاني ۽ ٻيا موجود هئا

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) انجمن طلباءِ اسلام کي 56 سال مڪمل ٿيڻ تي يوم تاسيس ملهايو ويو طلباءِ تحريڪ انجمن طلباءِ اسلام /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

شڪارپور : تقريب کي اڳواڻ خطاب ڪري رهيو آهي

# 15 سالن جي آزمايلن کي نه آزمايو : عنايت الله ٻرڙو

عوام قيمتي ووٽ ڏئي ڪامياب ڪندا ته اسان ڪنڊرا کي تعلقي جو درجو ڏينداسين

اسان گهر گهر پهچي عوام کان ووٽ وٺڻ جي اپيل شروع ڪري ڇڏي آهي

سکر (رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ) سکر پرسان ڪنڊرا ۾ پيپلزپارٽي اميد وارن پاور شو ڪيو هو ٻ ي ڏينهن تي جميعت علماءِ اسلام جي اميدوارن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

# ٽنڊو ڄام پرسان ٽالپر ڳوٺ ٽنڊو ڄام مان هڪ شاندار ريلي

اتحادي جماعتن سنڌ ترقي پسند پارٽي ۽ جي ڊي اي جي ڪارڪنن جي شرڪت

ريلي ۾ موجود ماڻهن تي مختلف هنڌن تي گلن جي پتين جي ورڪا سان استقبال ڪيو

ٽنڊو ڄام (رپورٽر) جمعيت علماءِ اسلام پي ايس 61 جي اميدوار حافظ سعيد احمد ٽالپر جي حمايت ۾ ٽالپر ڳوٺ ٽنڊو ڄام مان هڪ شاندار ريلي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

# شاهه لطيف باغي شاعر هو : نذير سومرو

هن صدين کان مروج طلسماتي محلن کي پيچي پورا ڪيو

نفسيات جي علم جي يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر / پرنسپال هو

سکر (بيورو رپورٽ) شاهه لطيف باغي شاعر هو، هن صدين کان مروج طلسماتي محلن کي پيچي پورا ڪيو هو هڪ طرف عشق جي سپريم ڪورٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

# انشاءالله پ پ سڄي ملڪ مان ڪاميابي ماڻيندي : ڊاڪٽر عبدالواحد سومرو

لاهور ۾ پ پ بلاول ڀٽو زرداري جي چونڊ ڪيمپ تي حملو بزدلاڻو عمل آهي

حد جي پوليس پاران ايف آءِ آر داخل ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي

ٺٽو (جاويد لطيف ميمڻ) لاهور ۾ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي چونڊ ڪيمپ تي حملو بزدلاڻو عمل آهي، پ پ پ جي صوبائي سيڪريٽري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

# دنيا چنڊ تي پهتي آهي پر اسان جا حڪمران ملڪ لٽڻ ۾ پورا آهن : سنتو نواز گانگهرو

ٽاٽا ڀوتارن جون اوطاقون آهن غريب عوام کي يرغمال ڪيون ويٺا آهن، ڳالهائڻ تي سزا ملي ٿي

عوام هنن کي گهڻو آزمايو آهي ٺڳن کي سڃاڻي ويا آهن اميد آهي ته عوام کين رد ڪندو

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) آزاد اميدوار پي ايس 32 سنتو نواز گانگهرو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته دنيا چنڊ تي پهتي آ پر اسان جا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

نوشهروفيروز : سنتو نواز گهانگهرو ميڊيا سان ڳالهائي رهي آهي

# ٽنڊو باگو جي وارڊ نمبر 6 جي رهواسين پاران احتجاج

بااثر ياسر سيال ۽ ٻين هٿيارن جي زور تي زبردستي قبضو ڪيو آهي : مظاهرين

پوليس ۽ ٽنڊو باگو انتظاميا به سنڌن مدد ڪري رهي، نوٽيس وٺي واهر ڪئي وڃي

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) ٽنڊو باگو جي وارڊ نمبر 6 جي رهواسين فدا حسين ڳاهو جي اڳوڻي ۾ 20 کان وڌيڪ ماڻهن ايوان صحافت اڳيان احتجاجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 35

# نواب ولي محمد مان راند ڪندي اغوا ٿي ويل ٻارڙو بازياب

پوليس ناڪا بندي ڪندي حنيف عرف سهڻو سولنگي جي چنبي مان بازياب ڪرائي ورتو

پوليس جوابدار حنيف عرف سهڻو سولنگي، پيرل عرف رئيس سولنگي کي گرفتار ڪري ڇڏيو

نواب ولي محمد (رپورٽر) نواب ولي محمد شهر مان ڪالهه ڪرڪيٽ راند ڪندي اغوا ٿي ويل ٻارڙو عثمان سولنگي ولد منظور سولنگي کي قاضي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 36

# ميرپور ماٿيلو پرسان ڳوٺ جديد دور ۾ بنيادي سهولتن کان محروم

بجلي گيس ڊرينيج روڊ اسڪول سميت ڪا هڪ به بنيادي سهولت موجود ناهي : رهواسي

چونڊيل نمائيندا هميشه ووٽ وٺي گم ٿي ويندا آهن پنج سال پورا ٿيڻ بعد نظر ايندا آهن

ميرپورماٿيلو (رپورٽر) ميرپورماٿيلو پرسان ڳوٺ ساڄن عباسي هن جديد دور ۾ بنيادي سهولتن کان محروم، بجلي گيس ڊرينيج روڊ اسڪول سميت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 37

# نئون ڪوٽ پرسان ڳوٺ هيدو جي رهواسين پاران دانهون

رهواسين مينهون خاصخيلي انور دلواڻي ڪمال خاصخيلي ۽ ٻين پريس ڪلب ۾ دانهون ڪيون

عمرڪوٽ پوليس ٻارڙن تي بلاجواز تشدد جو نشانو بڻائي هڪ عورت ۽ ٻين کي ڪنيي وئي آهي : مظاهرين

پوليس اهلڪار قرباني جي عيد لاءِ رکيل 30 ڇيلا سونا زيور 7 لک روڪ رقم به پاڻ سان گڏ کڻي ويا آهن

نئون ڪوٽ (رپورٽر) نئون ڪوٽ پرسان ڳوٺ هيدو تعلقو ضلعو ملي جي رهواسين مينهون خاصخيلي انور دلواڻي ڪمال خاصخيلي ۽ ٻين پريس ڪلب نئون ڪوٽ ۾ داهيندي چيو ته عمرڪوٽ پوليس وومين ٿاڻي جي ايس ايچ او خوشبخت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

نئون ڪوٽ : ڳوٺاڻا پوليس جي چڙهائي خلاف پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهن

حيدرآباد : سنڌي عوامي
فورم پاران هر سال جيان هن
سال به مڇ ڪچهري منعقد

حيدرآباد (رپورٽر) ٿڌين هوائن جي شهر حيدرآباد جي دل لطيف آباد ۾ سنڌي عوامي فورم پاران هر سال جيان هن سال به مڇ ڪچهري منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ اردو ڳالهائيندڙن سميت مختلف ٻوليون ڳالهائيندڙ سنڌ ثقافت ۽ تهذيب جي رنگن ۾ رنگ جي هڪ ٿي ويا، هر طرف امن، محبت ۽ ڀائيچاري جا گل ٽڙي رهيا هئا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

# ٽاٽو بولا خان نوجوانن کي سڀ کان وڌيڪ ضرورت روزگار جي آهي : ملڪ چنگيز خان

اسان ماڻهن کي بنا ڪنهن ڏاڍ ظلم جبر جي ووٽ جو حق ڏيڻ چاهيون ٿا جنهن سان ماڻهن کي اهميت ۽ عزت ملي رهي آهي

پنهنجو ووٽ پنهنجي مرضيءَ مطابق ڏين زوري ووٽ وٺڻ واري وڏيرڪي سسٽم کي ڏيڻ جي ضرورت آهي

اڄ صديءَ جي اقتدار ڪانئو توهان کي بولا خان جو لڪ ٿي ملي رهيو آهي سڀ آزاد ووٽ جا فائدا آهن

ڄامشورو (رپورٽر) ٽاٽو بولا خان نوجوانن کي سڀ کان وڌيڪ ضرورت روزگار جي آهي جنهن سان ماڻهن کي اهميت عزت ملي رهي آهي اڄ ظلم جبر جي ووٽ جو حق /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

# سکر ۾ ٻارڙي جي زيادتين خلاف پيرسن پاران پنهنجي معصوم ٻارڙن سميت احتجاج، نعريبازي

غلام حسين عرف جلال گل پنهنجي ڏيئرن پوٽن، صابره چنا، صابر چنا، پٽ فدا حسين چنا، فرمان چنا ۽ ٻين سميت احتجاج ڪيو

گهرمتان غلام مصطفيٰ چنا، محبوب چنا، پرويز چنا ۽ ٻين ماڻهن سان گڏجي گهر تي فائرنگ ڪري ڌمڪيون ڏني رهيا آهن : مظاهرين

جون ٽا گهر ۽ ڏيئرن جو رشتو ڏيڻ ۽ ڪابه قانوني ڪاروائي ڪندي ته توکي ۽ تنهنجي پٽن کي قتل ڪنداسين، واهر ڪئي وڃي

سکر (رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ) سکر ۾ ٻارڙي جي زيادتين خلاف پيرسن پاران پنهنجي معصوم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

سکر : پوڙهيت ٻارڙن سميت احتجاج ڪري رهيو آهي

ٽنڊو محمد خان مان اين اي 221 جي
اميدوار ڊاڪٽر عرفان نظاماڻي
برادري جي حمايت حاصل ڪري ورتي

ٽنڊو محمد خان (ر) پاڪستان پيپلز پارٽي شهيد ڀٽو گروپ جي اڳواڻ ... پاڪستان تحريڪ انصاف جي اين اي 221 جي اميدوار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

# سڳيون پرپاسي وارن علائقن ۾ جر جو پاڻي خراب ٿي ويو

جر جو پاڻي خراب هجڻ سبب ڪيترائي ماڻهو ڪاري ڪامڻ جي موذي مرض ۾ مبتلا

سماجي اڳواڻ انصار علي لڪ جي گهرواري ڪاري ڪامڻ جي مرض ۾ مبتلا رهڻ بعد لاڏاڻو ڪري وئي

سماجي اڳواڻن صحافين ۽ علائقي جي معززن پاران سماجي اڳواڻ سان تعزيت جو سلسلو جاري

سڳيون (رپورٽر) سڳيون پرپاسي وارن علائقن ۾ جر جو پاڻي خراب هجڻ سبب ڪيترائي ماڻهو ڪاري ڪامڻ جي مرضي مرض ۾ مبتلا ڳوٺ منوخان لڪ جي سماجي اڳواڻ انصار علي لڪ جي گهرواري نياز محمد لڪ جي ڀائٽي ڪجهه عرصو ڪاري ڪامڻ جي مرض ۾ مبتلا رهڻ بعد لاڏاڻو ڪري وئي، تفصيل موجب سڳيون ۽ پرپاسي وارن علائقن ۾ جر جو پاڻي خراب هجڻ سبب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

# مورو پرسان يوسي مناهي جي ڳوٺ دودو پنهيرو ۾ ڳوٺاڻن جي ڊي اي کي الوداع ڪري ڇڏيو

غلام شبير پنهيرو، غلام مرتضيٰ پنهيرو، ممتاز علي پنهيرو، سيد عبدالله شاهه سيد اڪرم شاهه، سيد عبدالرسول شاهه ۽ ٻيا پ پ ۾ شامل ٿي ويا

ڳوٺاڻن پي ايس 35 تي اميدوار ضياءَ الحسن لنجار ۽ سابق ايم اين اي ذوالفقار علي ٻهڻ جي هٿ تي اعتماد جو اظهار ڪيو

مولا بخش مبيجو، علي گل خاصخيلي، ڊاڪٽر مظهر علي ڪلهوڙو، سيد آفتاب احمد شاهه، بلاول ڏاهري، ممتاز علي زرداري ۽ ٻيا موجود هئا

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) مورو پرسان يوسي مناهي جي ڳوٺ دودو پنهيرو ۾ پنهيرا برادريءَ جي معزز شخصيت غلام شبير پنهيرو، غلام مرتضيٰ پنهيرو، ممتاز علي پنهيرو، سيد عبدالله شاهه، سيد اڪرم شاهه، سيد عبدالرسول شاهه سميت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

# ٽنڊو غلام حيدر ۾ سنڌ هاري ڪميٽي پاران ڊاڪٽر قادر مگسي جي حمايت ۾ جلسو

سنڌ جي هارين کي سڄي سنڌ ۾ قومپرست قيادت کي ووٽ ڏئي ڀرپور ڪامياب ڪرڻ جي اپيل ڪئي وئي آهي : ثمر حيدر جتوئي

سنڌ کي 15 سالن جي دوري اقتدار ۾ پ پ جي اقتدار صدين جو نقصان ڏنو آهي : ايس ٽي پي سربراهه ڊاڪٽر قادر مگسي

سنڌ دشمن منصوبن خلاف عالمي سطح تي اسيمبلين مان قانون سازي ذريعي ڀرپور عملي جدوجهد ڪئي ويندي

ٽنڊو محمد خان (رپورٽر) ٽنڊو غلام حيدر جي مريا ۾ سنڌ هاري ڪميٽي پاران ڊاڪٽر قادر مگسي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ٽنڊو محمد خان : ڊاڪٽر قادر مگسي تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

بدين ۾ منشيات جو راڄ
قائم، زبردستي نينگر
کي نشو پيار يو ويو

بدين (ڊ ر) بدين ۾ منشيات جو راڄ قائم ٿي ريو، منشيات ايتري قدر وڌي چڪي آهي جو نشو واپرائيندڙ نشي ۾ ڌت معصوم 7 سالن جي ٻار کي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

# ميرپور ماٿيلو ۾ پوليس اهلڪار مير مهر خلاف ويگن جي ڊرائيورن پاران احتجاجي مظاهرو

پوليس اهلڪار مير مهر اسان جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي، اسان مسڪين آهيون کير به مدد نه ٿو ڪري : مظاهرين

پوليس اهلڪار مير مهر جا چاڙتا ۽ سنڌس جا پٽ، پائراتي پهچي وڃن ٿا اسان سان بدڪلامي ڪن ٿا ۽ مارڪٽ ڪن ٿا

اهڙي قسم جي دانهن کي ڏيون ٿا ته پوليس اهلڪار مير مهر ۽ سنڌس جا پٽ ۽ پائرچون ٿا ته توهان کي ماري خون ڪنداسون

ميرپور ماٿيلو (رپورٽر) ميرپور ماٿيلو ۾ پوليس اهلڪار مير مهر خلاف ويگن جي ڊرائيورن پاران احتجاج، پوليس اهلڪار مير مهر خلاف ڇتي نعريبازي، پوليس اهلڪار مير مهر اسان جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي، اسان مسڪين آهيون کير /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

# پاڪستان پيپلزپارٽي تمام گهڻي عوامي مقبوليت ماڻي آهي : محمد بخش خان مهر

پاڪستان پيپلزپارٽي ملڪ جي واحد سياسي پارٽي آهي جنهن جون جڙون عوام جي دل ۾ ڪتل آهن

عوام جي مدد سان پي ايس 20 خانڳڙهه ۽ اين اي 199 تي وڏي اڪثريت سان ڪاميابي ماڻينداسين

هميشه جيان هاڻي به اوهان مان اهائي اميد آهي ته اوهان پنهنجي ووٽ جي طاقت سان پ پ کي ڪامياب ڪندا

خانپورمهر (رپورٽ: آفتاب سيال) پاڪستان پيپلز پارٽي اڳواڻ پي ايس 20 خانڳڙهه جي نامزد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

خانپور مهر : محمد بخش خان مهر تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

سيوهڻ شهر ۾ غير
معياري نقل سگريٽ
جو وڪرو جام ٿي ويو

سيوهڻ شريف (رپورٽر) سيوهڻ ۾ غير معياري نقل سگريٽ جو وڪرو جام ٿي ويو جنهن جي پيئڻ سان ماڻهو بيمارين ۾ مبتلا ٿيڻ لڳا، انتظاميا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

# سنڌ جي عوام 15 سالن ۾ ووٽ جو درست استعمال ناهي ڪري سگهي : صدرالدين شاهه راشدي

15 سالن کان زرداري پارٽي سنڌ تي حڪمراني ڪري سنڌ جي ماڻهن کي بک ۽ بدحالي کانسواءِ ڪجهه به ناهي ڏنو

عوام کي صلاح ڏيان ٿو ته پنهنجو ووٽ جو درست فيصلو ڪري ضمير موجب عوامي خدمت ڪندڙ نمائيندا چونڊي ايوان پهچايو

ايندڙ 8 فيبروري تي ساڳيو جوش جذبو رهيو ته جي ڊي اي جي ڪاميابي يقيني آهي، مخالفن کي عوام رد ڪندو

شهدادپور (رپورٽر) حرن جي روحاني پيشوا ۽ پير پاڳاري جي ڀاءُ جي ڊي اي جي مرڪزي اڳواڻ ۽ فنڪشنل مسلم ليگ سنڌ جي صدر پير سيد صدرالدين شاهه راشدي، يونس سائين اليڪشن ورڪ مهر جي سلسلي ۾ ڳوٺ مير محمد وسان کان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 38

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي ***

روزاني
# سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

سومر 22 جنوري 2024ع

## ايران سان سفارتي لاڳاپا بحال ڪرڻ جو مثبت فيصلو

نگران وفاقي ڪابينا، قومي سلامتي ڪميٽي جي فيصلن جي منظوري ڏئي ڇڏي. نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ جي صدارت هيٺ ڪابينا اجلاس ۾ قومي سلامتي ڪميٽي ۽ ڪيل فيصلن جي منظوري ڏني وئي آهي. قومي سلامتي ڪميٽي ۽ ايران سان ڇڪتاڻ ختم ڪرڻ جو فيصلو ڪندي ايران سان سفارتي لاڳاپا بحال ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي.

نگران پرڏيهي وزير ڪابينا اجلاس کي بريفنگ ۾ ٻڌايو ته پاڪستان نٿو چاهي ته ايران سان لاڳاپا خراب ٿين، ايران غلط قدم کنيو جنهن جو جواب ڏنو. ان کان اڳ قومي سلامتي ڪميٽي ملڪي سلامتي ۽ خودمختياري تي ڪنهن به قسم جي سمجهوتي نه ڪرڻ جو عزم ورجايو ويو. نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ جي صدارت ۾ قومي سلامتي ڪميٽي جو اجلاس ٿيو جنهن ۾ ٽنهي هٿياربند فوجن جي سربراهن ۽ ٻين لاڳاپيل اختيارين شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ پاڪستان ۽ ايران جي وچ ۾ تازي صورتحال تي غور ڪيو ويو. نگران پرڏيهي وزير سفارتي محاذ تي صورتحال بابت بريفنگ ڏني، جڏهن ته ٻاهرين واري وزارت جي عملدارن اجلاس کي بريفنگ ڏني. ذريعن موجب اجلاس کي بريفنگ ڏني وئي ته پاڪستان ايراني سرزمين تي ڪامياب انٽيليجنس بيسڊ آپريشن ڪيو، پاڪستان ايراني سرزمين تي موجود دهشتگردن خلاف ڪارروائي ڪئي. اجلاس ۾ پاڪستان جي ايران ۾ مقرر سفير بريفنگ ڏني. ذريعن ٻڌايو ته قومي سلامتي ڪميٽي جو چوڻ آهي ته پاڪستان پاڙيسري ملڪن سان ڪو به ڇڪتاڻ نه ٿو چاهي، قومي سلامتي تي ناهه ڪيو ويندو.

هوڏانهن پاڪستان ۽ ايران وچ ۾ ڇڪتاڻ واري صورتحال ڪانپوءِ ٻنهي ملڪن جي پرڏيهي وزيرن ۾ هڪ ٻئي سان ٽيليفونڪ رابطو ٿيو آهي. ذريعن موجب ٻنهي ملڪن جي وزير جليل عباس جيلاني ۽ ايراني پرڏيهي وزير حسين امير عبداللهيان وچ ۾ ٽيليفون تي ڳالهه ٻولهه ۾ تازي ڇڪتاڻ ختم ڪرڻ تي اتفاق ڪيو آهي. پرڏيهي وزارت جي ترجمان جي پاڪستان ۽ ايران جي پرڏيهي وزيرن جي رابطن جي تصديق ڪئي آهي. پاڪستان پاران اختيار ڪيل موقف بلڪل درست آهي. اهوئي بهترين رستو آهي، جنهن سان معاملن کي بهتر رخ ۾ اڳيان وڌائي سگهجي ٿو. ڇاڪاڻ جو هن وقت خطي جي صورتحال گهڻي نازڪ آهي. جڏهن ته ايران پاران ڪيل ڪارروائي جي جواب ڏيڻ بعد پاڪستان اهو به چٽو ڪري ڇڏيو آهي ته اهو پنهنجي ملڪ جي خودمختياري تي ڪو به سمجهوتو نه ڪندو جنهن بعد هاڻي عالمي ۽ علائقائي پس منظر ۾ پاڪستان جي اختيارين پاران ڪيل فيصلو هر طرح سان هڪ هاڪاري عمل آهي.

جيئن ته ڪنهن به قسم جي جنگ جي نتيجي ۾ خطي ۾ ڇڪتاڻ پيدا ٿيڻ جو خطرو آهي، ٻئي پاسي اها به حقيقت آهي ته ٻئي ملڪ اهڙي ڪنهن به عمل جا متحمل نٿا ٿي سگهن. ملڪ جي مفادن وٽان ڪيل فيصلو سياسي، سفارتي، اخلاقي ۽ قانوني لحاظ سان هڪ مثبت عمل جو عڪس آهي. جنهن بعد اها اميد آهي ته برادر اسلامي ملڪ ايران پڻ ان سلسلي ۾ هاڪاري جواب ڏيندو ان ريت ئي معاملن کي سڌو ڪري سگهجي ٿو.

پاڪستان ۽ ايران هڪ ٻئي جا پاڙيسري ۽ ٻئي اسلامي ملڪ آهن ۽ اڳي به پنهنجا مسئلا سفارتي سطح تي حل ڪندا رهيا آهن ته هن ڀيري به بلوغت جو مظاهرو ڪري اهو مسئلو پاڻ ۾ ويهي ڪري به حل ڪري سگهن ٿا. جنهن سان خطي ۾ ڪنهن امڪاني ڇڪتاڻ کي هوا نه ملي.

# چونڊ عمل ۾ پولنگ عملي جا اهنج

پروفيسر محمد صديق انڙ

ڪنهن به جمهوري ملڪ ۾ چونڊن جو عمل نظام جي نواڻ ۽ بقا لاءِ ضروري هوندو آهي. پاڪستان جهڙن وسيع ابراهيمي ۽ بي شمار گهڻي آبادي وارن ملڪن ۾ اهو قومي فرض سرانجام ڏيڻ ڪنهن آزمائش کان گهٽ ڪونه ٿئي. اها به حقيقت آهي ته [illegible] وڌيڪ مشڪل ۾ هوندا آهن [illegible] ويندو آهي. جن ۾ پوليس، رينجرز، ريونيو عملو ۽ پولنگ اسٽاف شامل آهي. پولنگ عملي جا اهنج مزيولي سڀني کان سرس هوندا آهن.

پولنگ جو عملو مختلف سرڪاري کاتن جي ننڍن وڏن عهدن وارن ملازمن تي مشتمل هوندو آهي. جنهن ۾ اڪثر تعليم ۽ صحت کاتي جي ملازمن جي هوندي آهي. چونڊون ڀل ته عدليا جي نگراني ۾ ٿي رهيون هجن يا انتظاميا جي، عملو هر حال ۾ [illegible] رهندو آهي. عملي جي نامزدگي لاءِ آفيسرن کان گهرايل فهرستن جي بنياد تي ڪئي ويندي آهي پر ڪڏهن ڪڏهن پراڻين فهرستن ڪان بدلي، ريٽائرڊ ۽ فوت ٿي ويل ملازمن جون به اليڪشن ڊيوٽيون لڳي اينديون آهن. جنهن سبب خود اهڙيون غلطيون ڪندڙن توڙي ڀوڳيندڙن کي ڏکيائيون ٿينديون آهن. ان طرح جي انتخاب کان پوءِ عملي جي تربيت جو بندوبست ڪيو ويندو آهي، جيڪو عرصي تائين ته صرف خانا پوري هئي. شايد 2018ع کان ان ۾ بهتري آندي وئي آهي. اهو ٽريننگ پروگرام ماسٽر ٽرينرز ذريعي هلائجي ٿو اليڪشن ڪميشن طرفان فراهم ڪيل مينيوئل يا رهنما ڪتابچو پڻ ڪافي واضح هوندو آهي پر اصل مصيبتون ڪجهه ٻيون آهن.

اهو سچ آهي ته سڀ عملو غير جانبدار نه به هوندو آهي، ڇو ته سياسي وابستگي کان جج به آجا ناهن هوندا پر فردن کي مقامي، سياسي جماعتن جا عهديدار به اهڙي وفاداري نڀائڻ لاءِ پنهنجا رشتا ناتا ۽ تعلق ياد ڏياري پنهنجو حامي بنائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. اهڙي جانبدار عملي جي ڪنهن هڪ اڌ ميمبر سبب پولنگ عمل تي گهڻو فرق نٿو وجهي سگهجي، ڇو ته سڄي عملي ۾ مختلف وابستگيون رکندڙ عملو موجود هوندو آهي، جيڪو هڪٻئي جي لاءِ انصاف جو توازن برقرار رکڻ جو باعث بڻبو آهي. نامناسب اميدن ۽ انديشن سبب عملي جي مقرريءَ وارن حڪمن ۾ وري وري تبديلي ڪئي ويندي آهي ۽ ڪڏهن اهڙي تبديلي خود ان شخص جي ڪوشش جو نتيجو به هوندي آهي ته ڪڏهن ته اهڙي جائز ڪوشش به ڳچيءَ ۾ پئجي ويندي آهي. خود راقم به اهڙي آزمائش مان گذريل آهي. لڳندو آهي ته پولنگ عملي جي مجبوري ۽ موت تي به پابندي هوندي آهي.

گهڻو ڪري خواري چونڊن واري ڏينهن صبح سوير کان شروع ٿيندي آهي. ان حلقي جي سڀني پولنگ اسٽيشنن جي سڄي عملي کي ساڳيو وقت ٻڌائي ڊسٽرڪٽ/تعلقه ڪورٽس، اسسٽنٽ ڪمشنر يا مختيارڪار آفيس سڏايو ويندو آهي، جتي پوليس، رضاڪار ۽ ڪڏهن فوجي گاڏيون به هونديون آهن ته زبردستي گهڻو ڪري بيگار ۾ آيل ٽرانسپورٽ جو عملو ۽ سندن ننڍيون وڏيون گاڏيون به هونديون آهن. آفيس جي ڪنهن ڪنڊ مان ڪو اڌ پڙهيو ڪلارڪ ٿرڊ ڪلاس سائونڊ سسٽم ذريعي ڇت تي لڳايل "بالٽي" نما لائوڊ اسپيڪر مان پرزائيڊنگ آفيسر ۽ سندس عملي کي جوابدارن وانگر سڏي رهيو هوندو آهي. اڪثر عين وقت ان ميلي جهڙي ماحول ۾ هڪ ڏينهن جي مئجسٽريٽ/آفيسر جو عملو اڻ پورو نڪري پوندو آهي. ان اڻ پورائيءَ جا سبب مٿي بيان ٿي چڪا آهن ته سفارش يا شڪ جي بنياد تي عملو بعد ۾ تبديل ٿي ويندو آهي. پر اڳ جاري ڪيل آرڊرس ۾ اهي نالا موجود هوندا آهن. تڏهن پرزائيڊنگ آفيسر کي حڪم ملندو آهي ته عملو پورو ڪري پوءِ وري موٽي اچو جيئڻ به، جڏهن به اسٽاف پورو ٿيندو تڏهن بيلٽ پيپر، بيلٽ باڪس ۽ باقي پولنگ جو سامان ڪلهن/هٿن ۾ ڪٽائي، سڄو ڏينهن اس يا سرديءَ ۾ بيلي انتظار ڪندڙن کي حڪم ملندو آهي ته هاڻي وڃي فلاڻي نمبر واري بس يا ڊاٽسن ڳوليو جيڪا توهان کي پولنگ اسٽيشن "ڏهيسر ڪانڊيري خان" جي ڳوٺ ڪٺي ويندي. لئين وارا ڪي به تي جان مان بيزار اچايل بڪايل پوليس وارا به حوالي ٿيندا. جيڪڏهن اها شاهي سواري بس هوندي ته ٽن چئن پولنگ اسٽيشنن جو عملو ڪٺو ويندي.

هاڻي وري جڏهن باقي پولنگ اسٽيشنن جي عملي کي سامان ملي، سندن عملو پورو ٿئي ته هي ڪاروان روانو ٿئي. ان کان پوءِ در در رلندي، ڳوٺ ڳوٺ ڏڪا ڪائيندي جڏهن اها ڪٽارا بس آخري اسٽيشن تي پهچندي آهي ته تقريبن رات نه ته شام ته پڪ ٿي چڪي هوندي آهي. هاڻي عملو ويچارو ڳوٺ جي وڏيري جو مهمان هوندو، جنهن کي پنهنجي جماعت اها پولنگ ڪٽڻ جو ذمو ڏنو هوندو آهي ۽ ممڪن حد تائين عملي جي ٽهل ٽڪور لاءِ ڪجهه رقم به ڪجهه هٿن تي ڏنل هوندي آهي. ان لاءِ شرط اهو هوندو ته عملو تعاون ڪندو هجي، نه ته ڪين بڪئي بگهڙ واري اک سان ڏسڻو آهي. عملي کي صبح اٿين وڃي پولنگ شروع ڪرڻ لاءِ سڄي تياري رات جو ئي مڪمل ڪرڻي آهي. ٿي سگهي ٿو ته سڀ پولنگ بوٿ ۽ عورتن لاءِ الڳ انتظام ڪرڻ جيتري عمارت ۾ گنجائش به نه هجي پر حد جي ٽپيدار ۽ عملي کي ته پوڳڻو آهي. رات جو سڄي رات لانگ جي ڪوشش به ٿي سگهي ٿي ته ڌمڪيون به ملي سگهن ٿيون پر جيڪڏهن "صاحب" مڪڻ نڪتو ته پوءِ خدمت به جام ٿيندي.

پولنگ جي ڏينهن تي ووٽرن ۾ عورتن جي بوٿ جا جهيڙا نبيرڻ سڄي عمر جي شادي شده زندگي جي ڏڏن کان وڌيڪ پيچيده فساد هوندا آهن. خدا ڪري خير، ڪو مسئلو ٿي ويو ته معاملو وڃي غيرت ۽ عزت تي پهچندو، ڇو ته هارائيندڙ ڌر جهيڙي لاءِ ور ڪٽيو ويٺي هوندي آهي. ان وچ ۾ ميڊيا، گشتي آفيسر ۽ سيڪيورٽي جا ادارا به رت چوسڻ جو پنهنجي حصي جو ڪم جاري رکيو ايندا آهن. پولنگ ڪيئن پئي هلي، گهڻا ووٽ ڪاسٽ ٿيا آهن، ڪا تڪليف ته ناهي؟ ڇا ٻڌائجي ته تڪليف ڪيتري آهي پر برداشت ته ڪرڻو هوندو آهي! سڄو ڏينهن جنگ ٽارينڌي، سر بچائيندي جڏهن پولنگ جو وقت ختم ٿيندو ته ايجنٽن جي فوج نتيجا تيار ڪرڻ کان اڳئي رزلٽ وٺڻ جي جلدي ۾ هوندي آهي. ڳڻپ جو عمل پورو ڪري سڄي ڪاغذي ڪارروائي مڪمل ڪرڻ ۾ جيڪو آفيسر وڌيڪ پڙهيو هوندو لوڙيندو به اهو، ڇو ته جيڪڏهن ڪنهن پولنگ تي ڪوجهڙو عملو گڏيو هوندو ته هنن کان آخري ڪارروائي ۽ فارم 45 ۽ 46 جون آخري ڪندون برابر نه ٿيون هونديون ۽ پيا فارم ڦاڙيندا ۽ نوان ڀريندا، تان جو ساڳي بس جا مسافر ٻين پولنگ اسٽيشنن تان ٿيندا، ٿڪ، اڄ، بک، اوجاڳي ۽ بيزاريءَ مان اوٻاسيون ڏيندا پيا ٻاهر انتظار ڪندا. ان طرح اهي رات جا راهي جڏهن واپس ريٽرننگ/اسسٽنٽ ريٽرننگ آفيسر جي آفيس پهچندا آهن ته اتي ٽرچڻ جي به جاءِ نه هوندي آهي. ٿڪيو عملو ته رستي مان ڇڏائي پڇڻ جي تياري ۾ هوندو آهي ۽ هاڻي سڄو بار "وڏي" تي هوندو آهي. بيلٽ باڪس ۽ سڄو سامان ڳڻي پورو ڪري ڏيڻو هوندو آهي پر اهم ترين نتيجو ۽ ووٽن وارا بيلٽ پيپر هوندا آهن. جيڪي وڏي صاحب سامهون جمع ڪرائڻا هوندا آهن. ڪي وڏا صاحب به شڪي مزاج، ڏڏ ۽ سندن عملو جڏو هوندو آهي. ان ڪري نتيجا وصول ڪرڻ جي رفتار سست هوندي آهي. ٻاهر وري پري وارين پولنگن پهچي رش ۾ واڌارو ڪري رهيون هونديون آهن. اتي پاڻي جو گلاس ملڻ به مشڪل هوندو آهي. ان طرح جي پيهان ۾ ڪڏهن ڪڏهن سڄي رات گذري ويندي آهي. آخر ته انسان آهن. اها ٻي رات هوندي آهي جيڪا لڳ ڀڳ اوجاڳي ۾ گذري رهي هوندي آهي. انساني حاجات به هونديون آهن ته بک، اڄ ۽ ننڊ به ستائي رهيا هوندا آهن، پر ڇا ڪجي؟ اهڙو واقعو هن راقم جي مشاهدي ۽ تجربي ۾ آيل آهي. شايد 2013ع واريون چونڊون هيون. هڪ پريزائيڊنگ آفيسر بيلٽ باڪس جمع ڪرائي باقي سڄي اسٽاف کي موڪل ڏئي چڪو هو پر ڪيس نتيجو جمع ڪرائڻ لاءِ سڏ جو انتظار ڪندي ڪندي فجر جي نماز جو وقت به ٿي ويو رفع حاجت جي ضرورت محسوس ڪيائين ته رزلٽ وارن لفافن کي ساڻ ڪري پاسي واري مسجد هليو ويو نماز پڙهي اتي ديوار سان ٽيڪ لڳائي ساهي پٽڻ لڳو.

ٻن راتين ۽ ڏينهن جو اوجاڳو، تڪليف ۽ اليڪشن جي ٻي چيني واري ذهني دٻاءَ جي شدت سبب سندس اتي اک لڳي وئي. چرڪ ڀرڀندي جڏهن اک کوليائين ته سج اڀرڻ تي هو پهچندو اچي عدالت پهتو اتي خبر پئي ته "قضاء" جو سڏ ٿي چڪو هو. پريشان حال اندر داخل ٿي، عذر به بيان ڪيائين ۽ نتيجو به جمع ڪرايائين. جنهن جي اڪائونٽ ۽ "حرمت" ۾ ڪا به بي ادبي ٿيل ڪانه هئي، پر منصف اسسٽنٽ ريٽرننگ آفيسر ڪارروائي جي ڌمڪي سو ضرور ڏني. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ عدالت ۾ پيش ٿيڻ لاءِ ضمانت جوڳو وارنٽ اچي مليو. عدالت پهچڻ تي پاڻ جهڙن ستن اٺن ٻين "مجرمن" سان به ملاقات ٿي ويس. جن جو ڏوهه به ساڳي نوعيت جو هو اهو ڪيس 6 _ 8 مهينا شنوائين جي صورت ۾ هلندي نيٺ انهن مان هڪ زماني جي ماڻهوءَ جي تعاون سان ڇڏ ڇڏان کان پوءِ هٿوهٿ "ڏر ڏٽيءَ" کي چندو ڪري چند هزار ڏئي سڀ ملزم باعزت بري ٿي ويا.

ايندڙ چونڊن ۾ پولنگ عملي جا اهنج گهٽائڻ ۽ ڪجهه بهتري لاءِ تجويز ڪجي ٿو ته:

* سامان ورهائڻ لاءِ وڏي وڏي جي گروپ ۾ يونين/ٽپي وار عملي کي مختلف وقتن جي slots يا پاڳن ۾ ورهائي پوءِ ورهاست لاءِ چار کان پنج الڳ الڳ وڏا هال يا شاميانا لڳائجن، جن جي اندر مناسب آواز وارو معياري سائونڊ سسٽم لڳائي پولنگ جو سامان ورهائجي.
* ان ورهاست ۾ ساڳي بس، ساڳئي روٽ ۽ فاصلي کي مدنظر رکجي. پري وارا پهريائين فارغ ڪجن.
* ڳوٺن ۾ رهائش ۽ کاڌي لاءِ عملو وڏيري جو محتاج نه هجڻ گهرجي، ان جو جوڳو بندوبست حڪومت پاڻ ڪري.
* عملي جي پورائي ۽ سندن هڪٻئي سان ملاقات ساڳئي ڏينهن کان هڪ به ڏينهن اڳ ئي يقيني بڻائجي.
* سيڪيورٽي سست ۽ بي عمل نه پر قانون تي عمل ڪرائڻ جي نيت ۽ جذبو رکندڙ هجي.
* ساڳي بس يا ٽرانسپورٽ، گهٽين پولنگ اسٽيشنن جي عملي لاءِ استعمال نه ڪرڻ گهرجي.
* جديد دؤر آهي. آر ٽي ايس جو نظام ڪم ڪندو هوندو ته نتيجا ته اڳ ۾ ئي پهچي چڪا هوندا. باقي سامان جي وصولي لاءِ به ساڳئي نموني گهڻا ڪائونٽر/هال هجن. جتي سامان سنڀالي وٺجي. واپسي تي جيئن جيئن پولنگ عملو پهچندو وڃي تيئن تيئن سامان جي وصولي به ٿيندي وڃي.
* سامان ورهائڻ ۽ وصول ڪرڻ وقت عملي سان انساني رويو رکڻ گهرجي، ڇو ته ڪورٽن ۽ دفترن ۾ مجرم يا ملزم جي حيثيت ۾ آيل نه هوندا آهن.
* پولنگ دوران ووٽ ڏيڻ لاءِ سواءِ قومي شناختي ڪارڊ جي ٻيو ڪو به دستاويز ثبوت طور قانوني قبول نه ڪجي، ڇو ته ان سان پولنگ اسٽيشن تي عملي، ايجنٽن ۽ ووٽرن ۾ سخت اختلاف پيدا ٿيڻ جو امڪان موجود هوندو آهي.

چونڊن جو عمل پڪ سان تمام وڏي قومي سطح جي مشق ۽ قومي ذميواري آهي. هر هڪ تي لازم آهي ته پنهنجي حصي جو ڪم ڪري، پر ٿوري محنت ۽ انساني احترام ڏيڻ سان پولنگ عملي ۽ باقي سڀني ڪردارن جا اهنج سو ضرور گهٽائي سگهجن ٿا.

تون حبيبُ، تون طبيبُ، تون دَردَ جي دَوا؛
جانِبَ! مَنهنجي جِيءَ ۾ آزَرَ جا اَنوا؛
صاحبَ! ڏي شِفا، ميان! مريضنِ کي.

## اُٽائي به وئي، پُٽائي به وئي، وري کپه جي کپه!

سيما چانڊيو

شهرتَ محنتَ جي ڏيءَ آهي. ٻُڪَ جا گهڻائي قسمَ ٿيندا آهن، پر ٻُڪن جون مختلف موسمون هونديون آهن. ڪنهن موسم ۾ ڪا ٻُڪ پروان چڙهندي آهي ته ڪنهن موسمَ ۾ ڪا. ايئن ئي موسمن جا به مختلف قسمَ هوندا آهن ڪنهن وقت ڪا موسمَ پروان چڙهندي آهي ته ڪنهن وقت ڪا.

ڳالهه نه جسماني ٻُڪ جي ڪنداسين، نه روحاني ٻُڪ جي، ڳالهه ڪنداسين ذهني ٻُڪ جي. جسماني ٻُڪَ قرباني گهرندي آهي خوراڪ جي. روحاني ٻُڪ قرباني گهرندي آهي نفسانيت جي. ذهني ٻُڪَ قرباني گهرندي آهي فرحتَ جي. تنهي ٻُکن ۾ اگر طلبِ ضرورتَ يا حسبِ ضرورت جي صحيح سَڌ نه هجي ته نتيجو "اُٽائي به وئي، پٽائي به وئي، وري کپه جي کپه" نڪرندو آهي.

سستين شين جا سائيڊ افيڪٽ هوندا آهن، اهو اسان اوهان سڀني کي معلوم هوندو آهي، پوءِ به خريد ڪندا آهيون. تڏهن جڏهن مهانگي جي ضرورت هوندي آهي، بهج ناهي هوندي. نتيجتن شارٽ ڪٽ ۾ اڪثر نيت "اڌ ڇڏي سڄي لاءِ ويو ان جو اڌ به ويو" واري رزلٽ ايندي آهي. ان ڪري شُهرت محنتَ جي ڏيءَ آهي. محنتَ کان سواءِ ماڻيل شهرت پاڻيءَ جو ٻڙٻڙو آهي، ڪير جو اُبار آهي. جيترو تيزي سان اڀامندو ايترو تيزيءَ سان جهڪو به ٿي ويندو.

ننڍپڻ ۾ ڪوڙ ڳالهيون ٻڌندا هئاسين ته فلاڻي جڳهه تي فلاڻي ماڻهوءَ جي مينهن چوري ٿي، ٻڪري چوري ٿي، زيور چوري ٿيا. گهر جي پٽ کي ڪاٽ هڻي چورَ الَهَ تلَهَ ڪٽي پچي ويو، پوءِ چور جي ڳولا شروع ٿيندي هئي. چڱا مڙس پيري سڀ گڏ ٿيندا هئا. سموري نه ته اڌ، چوٿائي چوري ورندي ضرور هئي. پر جڏهن کان اسان اڪ پٽي آهي، چوري جو دور ناهي ڏٺو نه پاڙي ۾ ڪو هل هنگامو نه راڄ شهر ۾. چورن جا نه چڻ ناياب پکين وانگي نسل ئي ختم ٿيندا پيا وڃن. وڏي ڳالهه ته چورن جا به ڪجهه اصول هوندا هئا. چوري جا به قانون قاعدا هوندا هئا. پر جيڪو دور اسان جو شروع ٿيو آهي، اهو چوري سينا زوري جو دور آهي. ڏينهن ڏٺي جو وچ چوراهي سرعام ڪو موبائيل تا ڦري وڃن، نقد تا ڦري وڃن. ڪيسا ڀِهاري هليا تا وڃن. ماڻهوءَ جي وَرَ ۾ به سڪو نٿا ڇڏين. اهڙو جو پاڙو پِيتو ڪري گهر پهچي. پوءِ ڇڱو پلو ماني مچيءَ وارو ڪشڪول ڪٽيو روڊ تي بيٺو هوندو آهي. ڇا جا اصول، ڇا جا قانون قاعدا. ڏي تہ ڏي. نه ڏي ته گولي لونڊڙيءَ مان پار. نه چور جو پتو نه پير جو پتو.

ادبُ سماج جو حصو آهي، سماج کي ادب جو حصو بڻائڻ جي جستجو جو گونگو نعرو هنيو ٿو وڃي. ساڳي اها ئي ريتِ ادب ۾ اپنائي وئي آهي. هڪ ته چوري، ٻي سينا زوري. هيءَ موسمَ آهي شهرت جي ٻُڪَ جي. شهرت ذهني ٻُڪَ آهي. جيڪا فرحت گهري ٿي. فرحت جي حاصلات صرف علم جي نچوڙ ۾ آهي. عالمَ جي ليبر ۾ ناهي. ان ڪري طلبِ ضرورت يا حسبِ ضرورت جي سَڌِ ڪان بي سَڌ هن ٻڪ جو شڪار ٿي وڃي ٿو.

هن ٻُڪَ جي تاريخ نه پراڻي آهي، پر (سوشل ميڊيا جي پليٽ فارمن ان کي پروان چاڙهيو آهي) شُهرتَ جي ملي ماکي چکڻ لاءِ ماڻارن ۾ منهن وجهڻ ڪان ڪير نه پيو ڪيٻائي. منهن سُجي ته سُجي پر سامهون هجي. جيترو وقتَ ذهن ۽ صلاحيتَ شارٽ ڪٽ تي ضايع ڪئي ٿي وڃي، ايتري مطالعي، مشاهدي ۽ پرڪ پروڙ تي لڳائي وڃي ته هن ٻُک جي مفهومَ کي سمجهي حسب ضرورت يا طلب ضرورت جي سَڌ پئجي وڃي. پر نا ڪبي نه هاٿي ڪبي، تڪڙي تکي ڪبي، ڪيئن به اچي، ڪٿان به اچي، چا به وڃي.

هن ٻک جي وبا جو نوجوان نسل تي تڪڙو حملو ٿئي ٿو/ٿي رهيو آهي، جيڪا سنڌي ادب لاءِ نهايت افسوس جي ڳالهه آهي. سستي شهرت ڀريان غلط رستن طريقن جي چونڊ ۾ محنتَ جو جذبو ختم ٿي رهيو آهي. مطالعي مشاهدي جو رجحان گهٽجي ويندو ٻک جي شدت خوراڪ جي حاصلاتِ لاءِ صحيح غلط جي استعمال جو فرق پلجي ويندي. راتو رات اُپ ڇهڻ لاءِ آسان ۽ شارٽ ڪٽ رستا ورتا تا وڃن. اهو سمجهڻ بنا ته سستي شهرتَ جي ڦوڪڻي ۾ جيتري گهڻي هوا ڀربي آهي، ايترو جلد ڦاٽندو آهي ۽ ڦاٽڻ کان پوءِ سندس دائمي قابليتَ جون به اڳريون اڏري وينديون آهن. ڪين سوچڻ سمجهڻ گهرجي ته مقبوليتَ ۽ ساراهه ڏاڙهن ويندڙ اُٽانگي رستي جي چونڊ ڪن. جنهن ۾ ڏکن، ڏولاون تنقيدن، رڪاوٽن رسوائين کان پوءِ جيڪا منزل ملندي آهي، اها نج نيار منزل ئي اصل منزل آهي. جنهن ۾ نه ڪو خوف آهي. نه ڪا پشيماني، بلڪه علم جي اُڃَ جي ڏينهن ڏينهن وڌندڙ تشنگي ناماچاري جي ٻک جون پاڙون پٽي ڇڏيندي آهي. ذهني ٻُک فرحت گهري ٿي، فرحتَ جي اصل حاصلات خوبصورت متصدن ۾ آهي. ناجائز غير اخلاقي غير ادبي طور طريقن سان حاصل ڪيل شهرت عرش تي چاڙهي فرش تي ڪيرائڻ ۾ دير ناهي ڪندي. ۽ ان کان پوءِ شارٽ ڪٽ لاءِ وڃايل جذبو احساس، اخلاق، توانائي سڀ ضايع ٿي ويندا آهن. پلئه پوندو آهي ته خواري ۽ پشيماني، تنهن کان پوءِ اُٽائي به وئي، پٽائي به وئي، وري کپه جي کپه!!

**بقايا *** 01**

مهڻو ڏيندڙ وساري ويٺا ته لاهور ۾ ڪارڪنن ذوالفقار علي ڀٽو جي شهادت تي آپگهات ڪيا. بي بي پاڪستان آئي ته لاهور شاندار آجيان ڪئي ۽ ڪيس وزيراعظم ٻڌايو هن چيو ته 10 نڪاتي ايجنڊا تي عمل ڪندي اقتدار ۾ اچي 17 وزارتون ۽ اشرافيا کي ڏني ويندڙ سبسڊي بند ڪنداسين ۽ پئسو عوام تي خرچ ڪنداسين، مون کي وزيراعظم بڻايو ته 5 سالن ۾ توهان جي پگهار ٻيڻي ڪري ڇڏينديس، سولر پئنل ذريعي 300 يونٽن تائين بجلي مفت ڏينداسين. عورتن ۽ هارين کي ڪارڊ فراهم ڪنداسين. سنڌس چوڻ هو ته ن ليگ پرپور طاقت ۽ دهشت سان تحريڪ انصاف ڪارڪنن کان انتقام وٺي رهي آهي. اسان سدائين انتقامي سياست جي مخالفت ۽ سياسي قيدين جي آزادي جي ڳالهه ڪئي آهي. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته پي ٽي آءِ جا نوجوان چونڊن ۾ ضرور ووٽ وجهن. توهان جيان پ پ به ن ليگ جا ظلم برداشت ڪيا. نوجوان منهنجو پيغام گهر گهر پهچائين. لاهور ۾ ته ڪو نظر نه پيو اچي، ووٽ کي عزت ڏيو جو نعرو هڻندڙ گم آهن.

**بقايا *** 02**

وزير چيو ته خط جو مقصد سکر حيدرآباد موٽروي معاهدي طرف ڌيان ڪرائڻ آهي، مضبوط روڊن جو جار واپار، رابطي، ترقي ۽ خوشحالي لاءِ اهم آهي. سنڌس چوڻ هو ته پشاور کان ڪراچي تائين موٽرويز جو نيٽ ورڪ تمام گهڻي اهميت وارو آهي. هي موٽروي ڪراچي ۽ گوادر پورٽ وچ ۾ واپاري راهداري جو ذريعو آهن. سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس ريٽائرڊ مقبول باقر چيو ته ايم سڪس چين، افغانستان ۽ وچ ايشيائي رياستن کي ملائي ٿو. پشاور ڪراچي موٽروي منصوبي جا سمورا اهم روڊ مڪمل ٿي چڪا آهن. هن چيو ته سڀ کان اهم حصو حيدرآباد سکر لنڪ ايم سڪس اجا تائين مڪمل ناهي ٿيو. ايم سڪس سائيٽ تي عمل نه ٿيڻ ڳڻتي جوڳي ڳالهه آهي. سنڌ جي نگران وڏي وزير چيو ته منصوبي تحت 306 ڪلو ميٽر ڊگهو 6 لين ڪشادو روڊ تعمير ٿيڻ آهي. ايم سڪس تحت سنڌو درياهه تي مين پل، 15 انٽرچينجز ۽ 6 فلاءِ اوور ٺهنديون. ايم سڪس منصوبو اصل سي پيڪ فريم ورڪ پراجيڪٽ جو حصو آهي. افسوس ته وفاقي حڪومت بنا ڪنهن خاص سبب ٻڌائڻ جي سي پيڪ مان ڪڍي ڇڏيو آهي. جسٽس ريٽائرڊ مقبول باقر چيو ته حيدرآباد سکر موٽروي کي جولاءِ 2020ع ۾ اي سي اين اي سي 165 ڏهائي 678 ارب رپين جي لاڳت سان منظور ڪيو جنهن تي مئي 2021ع ۾ 191 ڏهائي 471 ارب رپين جي لاڳت سان نظرثاني ڪئي وئي. ڪافي عرصو هن منصوبي تي ڪيترين ئي ناڪام ڪوششون هلنديون رهيون. سنڌ جي نگران وڏي وزير چيو ته منصوبي کي آخرڪار ڊسمبر 2022ع ۾ پي پي پي موڊ جي تحت تعمير ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو. 308 ڏهائي 194 ارب رپين جي لاڳت سان بلڊ آپريٽ اينڊ ٽرانسفر فريم ورڪ تي عمل لاءِ منظور ڪيو ويو هاڻي اين ايچ اي جو نڊيل ڪمپني ٽيڪنو سي ايم سي، اي سي سي ڪنسورشيم سان معاهدو ختم ڪيو ويو آهي.

سبب ٻڌايو ويو ته ڪمپني مقرر وقت اندر مالياتي معاملن کي حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام رهي. جسٽس ريٽائرڊ مقبول باقر چيو ته معاهدي جي پيچڪڙي هڪ اعليٰ اسٽريٽجڪ اهميت جوڳي منصوبي لاءِ سني ناهي نتيجي ۾ معاهدي ۾ بگاڙ سبب منصوبي تي عمل ۾ وڌيڪ دير ٿيندي. هو چاهن ٿا ته وفاقي حڪومت سان لاڳاپيل اختيارين کي ايم سڪس پراجيڪٽ کي جلد کان جلد مڪمل ڪرڻ لاءِ هدايتون جاري ڪيون وڃن. سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس ريٽائرڊ مقبول باقر، نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ کي درخواست ڪئي آهي ته معاملي تي ذاتي دلچسپي وٺي منصوبي کي مڪمل ڪرائي، پاڪستان ۽ سنڌ جي عوام کي محفوظ ڪوريڊور منصوبو فراهم ڪرڻ سندن ترجيح آهي.

**بقايا *** 03**

کان ڊسمبر 2023 تائين جي آهي. رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو ته سپريم ڪورٽ چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ جي 16 سيپٽمبر کان ڊسمبر تائين ڪارڪردگي رپورٽ جاري ڪئي. سپريم ڪورٽ ٽن مهينن ۾ 859 ڪيس اڪلايا. 17 سيپٽمبر 2023 ۾ ٻڌل هيٺ ڪيسن جو انگ 56 هزار 503 هو ٽن مهينن جي رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو ته 16 ڊسمبر 2023 ۾ ٻڌل هيٺ ڪيسن جو انگ 55 هزار 655 رهجي ويو.

**بقايا *** 04**

لڳائڻ به تيار آهي. آءِ ايم ايف جي رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته 216 ارب جا اضافي ٽيڪس صرف ان صورت ۾ لڳايا ويندا جڏهن ايف بي آر ۽ ٻيا ذريعا وصولين جا حدف حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب نه ٿيندا. ان حوالي سان ناٿي بابت نگران وزير ڊاڪٽر شمشاد اختر آءِ ايم ايف کي يقين ڏياري ڇڏيو آهي. رپورٽ ۾ وڌيڪ ٻڌايو ويو آهي ته نگران حڪومت مالي سال جي پهرين ٽن مهينن ۾ پرائمري بجيٽ کي سرپلس رکڻ جو حدف حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام رهي آهي. آءِ ايم ايف جي اسٽاف ليول رپورٽ موجب پاڪستان ڊسمبر جي ته ماهي گيس ٽيرف ايڊجسٽمينٽ جو نوٽيفڪيشن 15 فيبروري تائين جاري ڪندو. پاڪستاني شماريات کاتي موجب گيس جي قيمت ۾ هڪ سال جي دوران اهو ٽيون اضافو هوندو. نومبر ۾ نگران حڪومت گيس جي قيمت ۾ 1100 سيڪڙو اضافو ڪيو هو.

**بقايا *** 05**

آهي جنهن ۾ ڪريشن کان سواءِ ڪوبه ڪم ناهي ٿيندو. ٻاهرين دنيا ۾ جن معاملن تي سزايون ڏنيون وينديون آهن پاڪستان ۾ ان جي برعڪس ايوارڊ ڏنا ويندا آهن ۽ هن نظام کي تبديل ڪرڻ لاءِ انقلابي قدم کڻڻا پوندا. اهڙن خيالن جو اظهار هن ڇنڇر ڏينهن ايسوسيئيشن آف بلڊرز اينڊ ڊولپرز (آباد) جي مرڪزي آفيس ۾ منعقد تقريب کي خطاب ۽ بعد ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو. هن چيو ته اها اسان جي بدقسمتي آهي ته پاڪستان جو مستقبل هاڻي ملڪ مان مايوس ٿي ڪري پرڏيهه وڃي رهيو آهي. نگران صوبائي سنڌ سماءَ واري وزير محمد احمد شاهه چيو آهي ته اسان جي ملڪ مان نه صرف پئسو ٿي نه بلڪي هنرمند نوجوان به هليا ويا آهن. هن چيو ته ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته عوام جي سهولتن جي فراهمي ممڪن ٿئي، امن ۽ امان قائم رهي ۽ عوام پاڻ هن ملڪ ۾ پنهنجا ٽيڪسز ادا ڪن ته جيئن ملڪ ترقي جي راهه تي گامزن ٿي سگهي. تقريب کي خطاب ڪندي نگران صوبائي وزير مڪاني، هائوسنگ ٽائون پلاننگ اينڊ ريهيبليٽيشن سنڌ محمد مبين جماڻي چيو آهي ته ڪراچي جي تعميراتي شعبي ۽ شهرين کي درپيش مسئلن جي حل لاءِ ايندڙ هفتي هڪ ڪميٽي جوڙي ويندي جنهن ۾ آباد جي ميمبرن کي به شامل ڪيو ويندو. هلندڙ مهيني جي آخر تائين ڪراچي شهر جا سمورا ٽائونز ڊيجيٽلائز ٿي ويندا. 25 ٽائونز مان 14 شهرن کي ڊجيٽلائيز ڪيو ويو آهي. ايس بي سي اي (SBCA) جو نظام پڻ مڪمل طور تي ڊجيٽلائز ڪيو ويو آهي. ڊيجيٽلائيزيشن سبب عمل ۾ 12 سئو اهڙن ملازمن جي نشاندهي ڪئي وئي آهي جيڪي هڪ ئي وقت 3/3 سرڪاري کاتن ۾ ڪم ڪري رهيا هئا. لاقانونيت واري نظام کي بيڙو غرق ڪيو ۽ هن نظام کي ختم ڪرڻو پوندو. ان موقعي تي نگران صوبائي وزير اطلاعات ۽ اقليتي معاملن وارو وزير محمد احمد شاهه جي سرپرست اعليٰ محسن شيخاڻي، چيئرمين آباد آصف سم سم، سينيئر وائيس چيئرمين ابراهيم ايس حبيب، وائيس چيئرمين ذيشان صديقي، چيئرمين سدرن ريجن مصطفيٰ شيخاڻي، آباد جي اڳوڻي چيئرمينز ۽ ميمبرن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي. نگران صوبائي وزير مبين جماڻي چيو ته مون آباد جي مسئلن کي سنڌ ڪابينا جي اجلاس ۾ اٿاريو آهي ۽ سنڌ جي وڏي وزير کي غير تعميرات جي بابت آگاهه ڪيو هن چيو ته آبادگار جا ڪيترائي مسئلا حل ٿي ويا آهن پر ڪجهه شين ۾ قانوني پيچيدگيون آهن. هن چيو ته خبر ناهي نگران حڪومت ڪيتري عرصي تائين رهندي پر هو مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ لڳل رهندا. هن چيو ته نقشن جي پيهر ري ڪنفرميشن ڪرڻ جي شق کي ختم ڪرايو ويو آهي. نگران وزير چيو ته ان آمريڪا ۾ به تعميرات شعبي ۾ ڪم ڪيو آهي. آمريڪا ۾ تعميرات جي معاملي کي ڪائونٽي ڏسندي آهي، اڄ تائين ڪڏهن به ڪائونٽي اسان جي چانهه به ناهي پيتي، ٻين ملڪن ۾ معاملا جلدي حل ٿيندا آهن. اسان کي به ٻين ملڪن جي طرح ادارن کي اپ گريڊ ڪرڻو آهي. هن چيو ته تعميراتي لاڳت آسمان تي پهچي وئي آهي، جنهن تي حڪومت ڪوئي ڪنٽرول ناهي. مبين جماڻي چيو ته ڪراچي جو اولڊ ٽائون گولڊن ٽائون آهي، هڪ هزار گز تي سوين فليٽيون نهيل آهن ان موقعي تي آباد جي سرپرست اعليٰ محسن شيخاڻي چيو ته تعميراتي شعبي جي ماڻهن جو صرف 20 سيڪڙو ڪاروبار ۽ 80 سيڪڙو ادارا لينڊ مافيا جي جوابداري ۾ مصروف آهن. عالمي سطح تي لينڊ مافيا جو ڪير جي عزت ملندي آهي، جڏهن ته پاڪستان ۾ ادارا جائز ڪم ڪرڻ ناهن ڏيندا. اهڙي صورتحال ۾ ٻاهرين ملڪن مان پاڪستان ۾ سيڙپڪاري ڪيئن ممڪن آهي. بدقسمتي سان دعوائن جي باوجود پاڪستان ۾ غير قانوني اڏاوت بند نه ٿي سگهي آهي. هن چيو ته نگران حڪومت کي موقعو مليو آهي. الله ڪري سنا فيصلا ڪن. زمينن جي ڊجيٽلائيزيشن جو نظام ڪم نه ڪري رهيو آهي. سرڪاري سطح تي جيڪڏهن آفيسر ڪم نه ڪن ته انهن خلاف ڪارروائي ٿيڻ گهرجي. آباد جي چيئرمين آصف سم سم خطاب ڪندي چيو ته تعميراتي صنعت تي توجه نه ڏني وئي ته 40 سيڪڙو ترسيل جي آمد متاثر ٿي سگهي ٿي. آبادگار ميمبر ۽ گهٽي محلن جي ٺيڪيدارن ۾ فرق آهي. گهٽي محلن ۾ غير قانوني اڏاوت ڪندڙ بلڊر ناهن. ٺيڪيدار آهن. هن چيو ته نگران حڪومت مختصر عرصي ۾ شاندار ڪم ڪيا آهن. آباد جي ميمبرن کي پيش ايندڙ مسئلن حل ڪرڻ تي ٻنهي نگران وزيرن جو شڪريه ادا ڪيون ٿا. هن چيو ته ملڪي ترقي لاءِ اسان کي پنهنجي معيشت کي ڊجيٽلائز ڪرڻو پوندو ان موقعي تي آباد جي سينيئر وائيس چيئرمين ابراهيم ايس حبيب چيو ته نگران حڪومت دور ۾ وزيرن اسان جا مسئلا ٻڌاءِ انهن مان گهڻا مسئلا حل ڪيا ويا، جنهن لاءِ اسين سنڌن شڪرگذار آهيون.

**بقايا *** 06**

آهن ته گهرن ۾ گئس نه پئي اچي. لاهور ۾ قومي اسيمبلي جي تڪ اين اي 119 ۾ چونڊ ٽيم جي اجلاس کي خطاب ڪندي مريم نواز چيو ته سياسي مخالفن کي روئارڻ جي خواهش رکندڙن جي پيدا ڪيل مسئلن سبب اڄ سڄو پاڪستان روئي رهيو آهي. هن چيو ته ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ نواز شريف، شهباز شريف جي خدمت جا نشان آهن. خدمت ڏکيو ڪم هوندو آهي، ان امتحان ۾ رڳو نواز، شهباز ڪامياب ٿيا. سنڌس چوڻ هو عوام کي خبر آهي ته ڪنهن ڪم ڪيو ۽ ڪنهن انتقام ورتو. ڪنهن ڪوڙ ڳالهايو. 2018 کان 2022 تائين نااهلي جو اثر سڄي پاڪستان ڏٺو ۽ ڀوڳيو.

**بقايا *** 07**

ورڪنگ گروپ جي اجلاس ۾ شرڪت ڪندو. پرڏيهي آفيس جي ترجمان جو چوڻ آهي ته سي پيڪ جي گڏيل ورڪنگ گروپ جو عالمي سهڪار ۽ رابطن بابت اجلاس اڄ ٿيندو. ترجمان موجب چيني پرڏيهي وزير پاڪستاني پرڏيهي سيڪريٽري سان گڏ اجلاس جي صدارت ڪندو. پرڏيهي آفيس جي ترجمان جو چوڻ آهي ته چيني نائب پرڏيهي وزير جي پاڪستان جي اعليٰ قيادت سان ملاقات جو به امڪان آهي.

**بقايا *** 08**

نيتن ياهو کي هٽائي نئين چونڊن جو مطالبو ڪري ڇڏيو. يرغمالين جي آزادي ۾ حڪومتي ناڪاميءَ تي ڪاوڙيل مظاهرين نيتن ياهو کي شيطان جو چهرو قرار ڏيندي سندس حڪومت تي اسرائيل جي سلامتي کي خطري ۾ وجهڻ جو الزام لڳائي ڇڏيو. متاثر خاندانن سان واسطو رکندڙ مظاهرين جو چوڻ هو ته نيتن ياهو حڪومت 7 آڪٽوبر جينهن ڏينهن اسان کي نظرانداز ڪيو ۽ ان کان پوءِ روز اسان کي نظرانداز ڪري رهي آهي. مظاهرين جو چوڻ هو ته ان صورتحال کي تبديل يا ان جي مرمت ڪرڻ جي طاقت اسان وٽ آهي ان ڪري هن حڪومت کي هاڻ گهر پيڙو ٿيڻو پوندو جنهن تي مظاهرين هي هجوم "هاڻي ئي واپس وڃ" جي نعرا هڻڻ شروع ڪري ڇڏيا.

**بقايا *** 09**

ڪئي آهي. پرڏيهي ميڊيا جي رپورٽن موجب اسرائيلي ڪابينا ۾ ڇڪتاڻ واري صورتحال سبب معاملو تقريبن جهيڙي تائين پهچي ويو. پرڏيهي ميڊيا موجب يرغمالين کي آزاد نه ڪرائي سگهڻ تي اسرائيلي ڪابينا ۾ ڇڪتاڻ واري صورتحال پيدا ٿي وئي آهي جڏهن ته اسرائيلي فوج ۾ به سخت اختلاف شروع ٿي چڪا آهن. اسرائيلي ڪمانڊر جو چوڻ هو ته حماس جي شڪست کي شڪسب به ڏيون ۽ يرغمالين کي به بچايون اهو ممڪن نه آهي. ڪمانڊر جو چوڻ هو ته يرغمالين جي واپسي جو تيز ترين طريقو سفارتي آهي.

**بقايا *** 10**

چيو ته لاهور وارن ثابت ڪري ڇڏيو ته اهي جمهوريت جا چاهيندڙ آهن ۽ نئين سوچ کي پسند ڪن ٿا. بلاول ڀٽو جو تاريخي جلسو ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته لاهور وارن چوٿين ڀيرو وزيراعظم بڻجڻ جو خواب ڏسندڙ کي رد ڪري ڇڏيو آهي. هن چيو سڀ ڏسي رهيا آهن ته لاهور بلاول ڀٽو زرداري سان گڏ بيٺو آهي، ن ليگ لاهور وارن جو اهڙو پاور شو نه ڪري سگهي. جهڙو اڄ مختصر نوٽس تي پ پ ڪيو. سنڌس چوڻ هو ته بلاول ڀٽو زرداري ن ليگ جي وزارت عظميٰ جي اميدوار کي مباحثي جو چئلينج ڪيو آهي، جيڪڏهن ن ليگ جي وزارت عظميٰ جي اميدوار ۾ همت هجي ها ته ٽي وي تي لائيو اچي منهن ڏئي ها.

**بقايا *** 11**

جي نگران وڏي وزير محسن نقوي لاهور ۾ تقريب کي خطاب ڪندي صحافين کي پلاٽ ڏيڻ جو اعلان ڪيو. 23 سئو پلاٽن لاءِ درخواستن جي وصولي سومر کان شروع ٿيندي. محسن نقوي چيو ته صحافي 28 جنوري تائين درخواستون جمع ڪرائي سگهن ٿا. ڪوشش هوندي ته 8 فيبروري کان اڳ پلاٽن جي بيلٽنگ ٿي وڃي. هن چيو ته صحافين جي حق لاءِ ڪوششون ڪري رهيا آهيون. صحافين جي ڀلائي لاءِ ڏگهي مدي جي منصوبن تي عمل ڪري رهيا آهيون.

**بقايا *** 12**

زخمي ٿي پيا. پيپلز پارٽي الزام لڳايو آهي ته حملو ايم ڪيو ايم ڪارڪنن ڪيو آهي. ڪراچي جي تڪ اين اي 250 تان پيپلز پارٽي جي اميدوار خواجه سهيل منصور الزام لڳايو آهي ته اين اي 250 ۽ پي ايس 129 ۾ پيپلز پارٽي جي چونڊ آفيس تي ايم ڪيو ايم ڪارڪنن حملو ڪيو آهي. ٻئي طرف پاڪستان تحريڪ انصاف لڳايو آهي ته اين اي 248 جي اميدوار ارسلان خان سميت پي ٽي آءِ جا 10 کان وڌيڪ ڪارڪن ايم ڪيو ايم جي حملي ۾ زخمي ٿي پيا آهن. پي ٽي آءِ ترجمان فلڪ الماس چيو آهي ته اسان ڪارڪنن تي حملي جي مذمت ڪريون ٿا. اليڪشن ڪميشن ۽ سنڌ حڪومت واقعي جو نوٽيس وٺن پر امن سياسي مهم ۾ تڪرار پيدا ڪري ڇڪتاڻ واريون حالتون پيدا ڪيون پيون وڃن.

**بقايا *** 13**

2023 تائين ايران مان درآمدون 48 ڪروڙ 27 لک ڊالر رهيون ۽ ڊسمبر 2023 ۾ ساليانا بنيادن تي ايران مان درآمد ۾ 13 سيڪڙو واڌ ٿي. ذريعن جو چوڻ آهي ته گذريل سال ان ئي عرصي ۾ ايران مان درآمدون 42 ڪروڙ 17 لک ڊالر ۽ ڊسمبر 2022 ۾ ايران مان درآمدون 7 ڪروڙ 86 لک ڊالر هيون. ذريعن موجب گذريل مهيني ايران مان درآمدن جو ڪاٿو 8 ڪروڙ 92 لک ڊالر رهيو واضح رهي ته پاڪستان ۽ ايران تازو واپاري سهڪار وڌائڻ جو 5 سالن جو پلان جوڙيو آهي. ٻنهي ملڪن 2028 تائين ٻه طرفو واپار 5 ارب ڊالرن تائين وڌائڻ تي اتفاق ڪيو آهي.

**بقايا *** 14**

۽ پ پ جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري کان هارائي ويندو. پيپلزپارٽي جي اڳواڻ فيصل ڪريم ڪنڊي چيو ته پ پ جي چيئرمين جي خواهش آهي ته سندس مخالف عوام جي عدالت ۾ اچي پاڻ کي پيش ڪن. پيپلز پارٽي جي حڪومت ملازمن جي پگهارن ۾ 2 سئو سيڪڙو اضافو ڪيو هو. فيصل ڪريم ڪنڊي چيو ته بلاول ڀٽو جي عوامي منشور مخالفن کي پريشان ڪري ڇڏيو آهي. نواز شريف جڏهن به اقتدار ۾ آيو ملازمن جي برطرفين جو طوفان مچايو.

**بقايا *** 15**

اسڪين لاءِ مريضن کي ڪانٽراسٽ انجيڪشن لڳائي ويندي آهي، جيڪا ڊائو اوجها ڪيمپس، سول ۽ جناح اسپتال ۾ نه پئي ملي. ذريعن جو چوڻ آهي ته مريضن کي سي ٽي اسڪين لاءِ انجيڪشن ٻاهران آڻڻ جي هدايت ڪئي ويندي آهي ۽ مارڪيٽ ۾ اها انجيڪشن وڌيڪ قيمت تي وڪرو ٿي رهي آهي، 3 کان 4 هزار رپين ۾ ملندڙ اها انجيڪشن 8 هزار رپين ۾ ملي رهي آهي. اسپتال انتظاميا موجب درآمد ۾ گهٽتائي سبب انجيڪشن جي کوٽ آهي، جلد مسئلو حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون. هوڏانهن سنڌ جو نگران وڏو وزير معاملي کان لاعلم نڪتو ۽ چيائين ته جيڪڏهن انجيڪشن موجود ناهي ته اها صورتحال سنجيده آهي، ان حوالي سان جلد تفصيل وٺندس.

**بقايا *** 16**

پيپلز پارٽيءَ جي آفيس تي حملو ڪيو ويو هن چيو ته جيڪڏهن پوليس ۽ رينجرز ڪارروائي نه ڪئي ته صورتحال ڏکي ٿي ويندي. حملي ۾ ملوث ماڻهن خلاف ڪارروائي ٿيڻ گهرجي. سعيد غني چيو ته ايم ڪيو ايم هاڻي پي ايس پي مافيا جي ڪنٽرول ۾ آهي. خالد مقبول ايم ڪيو ايم جو بيوس ڪنوينر آهي. ايم ڪيو ايم جا جيڪي ٿورا گهڻا ووٽ هئا، اهي مصطفيٰ ڪمال جي اچڻ بعد ختم ٿي ويا. مصطفيٰ ڪمال ايم ڪيو ايم جي تابوت ۾ آخري ڪوڪو لڳائي ڇڏيو آهي. ن ليگ پنهنجون سموريون خواهشون پوريون ڪرايون. ن ليگ جي خواهش ٿي اليڪشن جي تاريخ وڌائي وڃي ۽ پي ٽي آءِ باني کي جيل ۾ وڌو وڃي. پي ٽي آءِ باني کان بيٽ جو نشان واپس وٺڻ جي خواهش به ن ليگ جي هئي.

**بقايا *** 17**

نيئر بخاري سان جي يو پي نوراني گروپ جي اڳواڻ صفدر شاهه گيلاني ملاقات ڪئي، ان دوران صفدر شاهه گيلاني چيو ته اسان جي جماعت سڄي ملڪ ۾ پ پ اميدوارن جي حمايت ڪندي. هن چيو ته نوراني گروپ پنهنجي اميدوارن کان هٽ ڪٺائيندو. پ پ فرقي واريت خلاف آهي. تنهن ڪري حمايت قومي فرض آهي. نيئر بخاري حمايت تي نوراني گروپ جا ٿورا مڃيندي چيو ته پ پ ملڪ کي معاشي بحران مان ڪڍندي. اسان وٽ عوامي معاشي معاهدي ۾ ملڪي مسئلن جو حل موجود آهي.

**بقايا *** 18**

علائقي کي گهيري ۾ ورتو. رينجرز ترجمان موجب جاگيرائي گينگ جي ڏاڙيل حمير جاگيرائي هٿيار ڦٽا ڪري پاڻ کي قانون جي حوالي ڪري ڇڏيو. حمير جاگيرائي اغوا ۽ قتل جي ڪيترن ئي وارداتن ۾ ملوث آهي. پيا گينگ جي سربراهه خادم پيهو پناهگاهه کي به گهيرو ڪري ڇاڙهيو ويو. دراني مهر، دودا پڪٽ، آر ڊي 219، ٽوڙي بنگلو، قياس پيهو ۽ ٻين علائقن ۾ گشت وڌائڻ جو حڪم، ونگ ڪمانڊر، ايس ايس پي ۽ ڊي سي ڪشمور حساس پولنگ اسٽيشنن جو دورو به ڪيو.

**بقايا *** 19**

ڪيو ويو. اسٽيل ٽائون ٿاڻي تي داخل ڪيس ۾ فريادي ڄاڻايو ته جوابدارن زبردستي پيٽ کي اجتماعي زيادتي جو نشانو بڻايو هن چيو ته پاڻيٽي فون ڪري ٻڌايو ته زيادتي بعد پيٽ جي حالت خراب ٿي وئي، جنهن کي جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو. فريادي پاران سمورن جوابدارن کي گرفتار ڪري انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو.

**بقايا *** 20**

ويندي، رپورٽ جي انگن اکرن موجب پنجاب ۾ هڪ ڪروڙ 17 لک 30 هزار ٻار تعليم کان محروم آهن جڏهن ته سنڌ ۾ 76 لک 30 هزار، ڪي پي ڪي ۾ 36 لک 3 هزار ۽ بلوچستان ۾ 31 لک 30 هزار ٻار تعليم کان محروم آهن. وفاقي راڄڌاني اسلام آباد ۾ 8 لک ٻار اسڪول نه پيا وڃي سگهن. رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته 30 سيڪڙو ٻار مختلف سببن جي آڌار تي اسڪول نه پيا وڃي سگهن جڏهن ته سڀني کان وڌيڪ بلوچستان ۾ 65 سيڪڙو ٻار اسڪولن کان ٻاهر آهن. بلوچستان جي نسبت خيبرپختونخواهه جو تعليمي معيار بهتر آهي خيبرپختونخواهه ۾ 30 سيڪڙو ٻار اسڪول نه پيا وڃن. وفاقي تعليم واري وزارت جي رپورٽ موجب 2016 ۽ 2017 ۾ 44 سيڪڙو ٻار اسڪولن کان ٻاهر هئا جڏهن ته 2021 ۽ 2022 ۾ 39 سيڪڙو ٻار اسڪول کان ٻاهر آهن. انٽرجي سطح تي ڏٺو وڃي ته 60 سيڪڙو ٻار تعليم حاصل ڪرڻ کان محروم آهن جڏهن ته ميٽرڪ، مڊل ۽ پرائمري سطح تي 44 سيڪڙو، 30 سيڪڙو ۽ 36 سيڪڙو ٻار اسڪول نه پيا وڃي سگهن

**بقايا *** 21**

جي تحريڪ جي اڳوائي ڪري رهيو هيس. مون کي هر هر چيو ويندو هو ته وڪيلن جي تحريڪ جي اڳوائي ڪرڻ ڪري اٿئي ته پوءِ پ پ ڇڏي اچ. مان چوندو هيس ته پ پ منهنجي فيملي آهي، رت ۾ ٻوڙي ٿي، پ پ کان ڪير به جدا نٿو ڪري سگهي. سنڌس موجب ماضي ۾ به تصور پيدا ڪيو ويو ته چئي مان پ پ ۾ ناهيان. اهو تصور بلڪل غلط هو مان توهان جي سامهون آهيان. بلاول ۽ آصف سان گڏ بيٺو آهيان. هن چيو ته بلاول ڀٽو جڏهن کان پ پ جي سياست ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو ته ڪيترن ئي قسمن جي بحث جنم ورتو، تاثر ڏنو ويو ته بلاول بزرگن کي جماعت مان ڪڍڻ چاهي ٿو. پ پ جي حڪومت 3 ڀيرا آئي. ڪڏهن اڳين نه ٿيو ته نواز شريف جيان هڪ ئي وزيراعظم هجي. يوسف رضا گيلاني، راجا پرويز اشرف وزيراعظم رهيا، هاڻ بلاول جو وارو آهي.

**بقايا *** 22**

جا دهشتگرد به ٿي سگهن ٿا. پاڪستان تي الزام لڳائڻ لاءِ دشمن ايجنسيون ڊرٽي جي لاءِ لڳايل ڪيمپ کي نشانو بڻائي سگهن ٿيون. ڪوئٽه ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي اطلاعات بابت صوبائي نگران وزير جان اچڪزئي چيو ته ماهر رنگ بلوچ گم ٿيل ماڻهن جي نالي تي ڊراما ڪري رهي آهي. ماهر رنگ گم ٿيل ماڻهن جي مسئلي تي پاڪستان کي بدنام ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي جن ماڻهن کي هن گم ٿيل ڄاڻايو هو اهي دهشتگرد ايران ۾ مارجي ويا. هن چيو ته پاڪستان کي هن وقت تمام گهڻين ڪاميابيون مليون هيون آهن. هي ٽولو پابندي مڙهيل تنظيمن جي ڍال بڻجي رهيو آهي. هي ماڻهو اسلام آباد ۾ تخريبڪاري لاءِ ويٺل آهن اهي ماڻهو امن امان جي صورتحال خراب ڪرڻ جو سبب بڻجي سگهن ٿا. ڪنهن به دهشتگردي جي واقعي کي روڪڻ ناممڪن ٿي ويندو آهي هتي به هاڻ ڪو به واقعو ٿي سگهي ٿو جان اچڪزئي چيو ته اسلام آباد ڌرڻي ۾ ماسڪ پاتل ماڻهو پابندي مڙهيل تنظيمن جا دهشتگرد به ٿي سگهن ٿا. پاڪستان تي الزام لڳائڻ لاءِ دشمن ايجنسيون ڌرڻي جي ڪيمپ کي نشانو بڻائي سگهن ٿيون. هن وڌيڪ چيو ته پاڪستان ۾ جيش العدل جهڙي تنظيم جو ڪو به وجود نه آهي. اهو عدالتي معاملو نه آهي. اسلام آباد ۾ لڳايل ڪيمپ کي انتظامي طور منهن ڏنو وڃي.

**بقايا *** 23**

ٿي ويو افغان پوليس موجب جهاز افغان ضلعي زيبڪ جي ٽوپ خاني جبلن تي ڪري تباهه ٿيو آهي. پارٽي مسافر جهاز گذريل رات ريڊار تان گم ٿي ويو هو افغان پوليس جو چوڻ آهي ته جهاز جي عملي ۽ مسافرن جي انگ ۽ حادثي جي سبب فوري طور واضح نٿو ڪري سگهجي. افغان اختيارين موجب، واقعي جي جاچ لاءِ هڪ ٽيم علائقي ۾ اماڻي وئي آهي.

**بقايا *** 24**

مشروط ڪري ڇڏيو آهي جنهن سبب ڪارگو ٽرڪ ڊرائيورز کي بنا ويزا پاسپورٽ جي اجازت نه پئي ڏني وڃي. ٻنهي طرفن کان فروٽ ۽ مختلف ڀاڄين سان ڀريل هزارين گاڏيون 9 ڏينهن کان بيٺل آهن. سرحد جي بندش سبب گاڏين ۾ موجود فروٽ ۽ ڀاڄيون خراب ٿيڻ شروع ٿي ويون آهن. طورخم سرحد جي بندش سبب قومي خزاني کي روزاني 88 ڪروڙ کان وڌيڪ جو نقصان ٿي رهيو آهي.

**بقايا *** 25**

تبديلي جو انڪشاف ٿيو آهي. رپورٽن موجب ايف پي ايس سي جي درخواست تي ايف آءِ اي ايف پي ايس سي جي سيڪريسي برانچ جي اسسٽنٽ نذير کي گرفتار ڪري ورتو. اختيارين جو چوڻ آهي ته جوابدار تي ٻن اميدوارن جي جوابن جي بدلي شيٽس تبديل ڪرڻ جو الزام آهي، جوابدار ٻنهي اميدوارن کان شيٽس تبديل ڪرڻ تي 10 لک رپيا ورتا هئا. ايف آءِ آر جي متن موجب جوابدار نذير سي ايس ايس 2022 جي ٿيل امتحان ۾ جوابن جون شيٽس تبديل ڪيون. ايف آءِ آر ۾ چيو ويو آهي ته ٻنهي اميدوارن جو انٽرويو مطمئن ڪندڙ نه هجڻ تي جاچ ڪئي وئي، ايف پي ايس سي جي 3 رڪني ڪميٽي طرفان جاچ ڪرڻ تي جوابدار نذير جو ڪردار سامهون آيو. رپورٽن موجب ايف آءِ اي هلال احمد ۽ علي شير نالي اميدوارن خلاف به ڪيس داخل ڪري ورتو آهي، جڏهن ته مرڪزي جوابدار لاءِ سهولتڪاري ڪرڻ تي ابراهيم نالي شخص خلاف به ڪيس داخل ڪيو ويو آهي.

**بقايا *** 26**

ڇڏيو. اسامه جو لاش گذريل ڏينهن عوامي ڪالوني ڪورنگي مان مليو هو. پوليس والد جي فرياد تي قتل جو ڪيس داخل ڪري ورتو. ايف آءِ آر ۾ مقتول جي والد پوليس کي ٻڌايو ته جمعي تي پٽ کي نڪاح جي لاءِ ڪنوار جي گهر وڃڻو هو، مقتول اسامه کي دوست طلحه ان کي وٺڻ آيو هو. ڪنوار جي گهران واپس آياسين ته اسامه گهر ۾ موجود نه هو والد ٻڌايو ته اسامه کي ڪال ڪئي ته نمبر بند هو، بعد ۾ پوليس کي پٽ جو لاش مليو. اسپتال ۾ لاش ڏٺو ته پٽ جي سڃاڻپ ڪئي. والد پوليس کي بيان ۾ ٻڌايو ته اسامه کي ان جو دوست طلحه ڪار ۾ وٺي ويو هو ۽ ان اسامه کي قتل ڪيو آهي. ٻئي پاسي پوليس واردات ۾ استعمال ٿيل گاڏي برآمد ڪري ورتي. گاڏي مان رت جا نمونا به حاصل ڪيا ويا آهن پوليس عملدارن موجب طلحه ٻين ٻن ساٿين سان گڏجي اسامه کي فائرنگ ڪري قتل ڪيو. طلحه حراست ۾ آهي، ٻين فرار ٿيل جوابدارن جي گرفتاري جي ڪوشش جاري آهي

**بقايا *** 27**

اسپتال منتقل ڪيو جنهن جي سڃاڻپ محمد بخش لانگاهه طور ڪئي وئي. پوليس جو چوڻ هو ته پئسن ڏيتي تان محمد بخش کي قتل ڪيو ويو آهي.

**بقايا *** 28**

آهي. پرڏيهي خبرو اداري موجب آمريڪا ۾ سخت ٿڌ سبب فوتين جو انگ 83 ٿي ويو آهي. شديد برفباري سبب ڪيترن ئي علائقن ۾ روڊن برف ڄمڻ سبب گاڏيون گاڏين ۾ پنڌ گهمڻ ۾ ڏکيو ٿيو ويو. شديد برفباري ۽ روڊن تي ترڪڻ سبب ڪيترن ئي علائقن ۾ ٽريفڪ حادثا به ڏسڻ ۾ آيا. آمريڪي رياست مشي گن ۾ سخت سيءَ سبب ڍنڍ جمي وئي جنهن خوبصورت نظارو پيش ڪيو.

**بقايا *** 29**

ڇڏي آهي. پنجاب جي نگران وڏي وزير محسن نقوي جي صدارت هيٺ پنجاب ڪابينه جو 36 هون اجلاس ٿيو محسن نقوي اجلاس کي خطاب ڪندي چيو ته سمورين پارٽين جي ۽ آزاد اميدوارن کي آزاد چونڊ سرگرمين جي اجازت هوندي. فري اينڊ فيئر چونڊون منعقد ڪرڻ هر صورت ۾ يقيني بڻايو ويندو هن چيو ته اليڪشن ڪميشن جي ضابطه اخلاق جي روشني ۾ سمورن اميدوارن کي جلسو ڪرڻ، گهر گهر مهم هلائڻ ۽ بينرز پوسٽرز لڳائڻ جي اجازت هوندي. سمورين پارٽين کي هڪ جهڙي ليول پليئنگ فيلڊ ڏني ويندي. پاڪ فوج يا ادارن جي خلاف تقرير ڪرڻ تي ڪارروائي ڪئي ويندي. فري اينڊ فيئر چونڊون منهنجي ذميواري آهي جنهن کي مان هر صورت ۾ پوري ڪندس. عام چونڊن کي پرامن ۽ آزاد ماحول ۾ منعقد ڪرڻ کي يقيني بڻائڻ لاءِ اليڪشن ڪميشن سان پورو تعاون ڪنداسين. ڪابينه جي اجلاس ۾ عام چونڊن کي فول پروف انتظامن ۽ سيڪيورٽي لاءِ 4 ارب 10 ڪروڙ رپين جا فنڊ جاري ڪرڻ جي منظوري ڏني وئي. اجلاس ۾ مناواں لاهور ۾ پنجاب ڪينسر ڪيئر اسپتال جي قيام لاءِ 8 ارب رپين جي فنڊن جي منظوري ڏني وئي، صحت سهولت پروگرام جي تحت مريضن جي علاج لاءِ نون قدمن جي منظوري ڏني وئي. اجلاس جي دوران محسن نقوي وڏين اسپتالن ۾ ليب ٽيسٽ جي فيس وڌائڻ جي تجويز تي عمل کان روڪي ڇڏيو

**بقايا *** 30**

جي شبانا جتوئي کي بندوق جا فائر ڪري قتل ڪرڻ بعد فرار ٿي ويو مقتول ناريءَ جو مڙهه اسپتال مان ضروري ڪارروائي بعد وارثن جي حوالي ڪيو ويو پوليس معاملي جي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي.

**بقايا *** 31**

ايس ايس پي اي وي سي سي موجب شاگرد جي اغوا ۾ ملوث ڪسٽم جي سينيئر انسپيڪٽر سميت 3 جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو ايس ايس پي ظفر صديق ڇانگ جو چوڻ آهي ته گرفتار ٿيلن ۾ ڪسٽم جو سينيئر انسپيڪٽر عبدالفتاح پٽ عبدالغني ۽ ٻيا جوابدار شامل آهن. ايس ايس پي موجب شاگرد وجاهت کي اغوا ڪري ڪرپٽو ڪرنسي جي صورت ۾ 50 هزار ڊالر ڀُنگ گهريو ويو هو جوابدار مغوي تي تشدد ڪندا هئا، ڪيس داخل ٿيڻ بعد پوليس ڪيس ڇڏي ڏنو ۽ روپوش ٿي ويا. پريس ڪانفرنس دوران هن چيو ته پوليس سي پي ايل سي ۽ حساس اداري سان گڏجي ڪارروائي ڪري ٽن جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو آهي. ايس ايس پي موجب جوابدارن ۾ خضدار ۾ ڊيوٽي ڪندڙ ڪسٽم انسپيڪٽر عبدالفتاح، شوڪت ۽ زبير شامل آهن. گرفتار جوابدار زبير سکر جو رهواسي آهي. ڪراچي ۾ امتحانن جي تياري ڪري رهيو هو ايس ايس پي موجب جوابدارن جي قبضي مان ڪسٽم يونيفارم، واردات ۾ استعمال ٿيل ڪار، پرس، ڪارڊ، پسٽول هٿ ڪيا ويا. هي گينگ 6 جوابدارن تي مشتمل آهي. گينگ جو سربراهه ڪسٽم انسپيڪٽر آهي

بقايا سنڌيار 01

پ اميدوار جام اڪرام الله ڌاريجو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته 2013 ع کانپوءِ وفاق گئس تي پابندي هڻي ڇڏي آهي گئس سنڌ مان پيدا ٿئي پئي پر بدقسمتي سان وفاق سنڌ کي نظرانداز ڪندي رهي آهي هاڻ جيئن ئي پ پ جي حڪومت ٺهندي ته رهيل ڳوٺن ۾ گئس ڏني ويندي پ پ اميدوار چيو آهي ته نڪرانو مبارڪپور ۽ پيرو بلاڪ جا ڪم ڪرايا آهن روڊ رستا ٺهن پيا پاڪستان پيپلزپارٽي سڀني کي گڏ ڪري هلندي آهي جيڪي ڪم رهجي ويا آهن اهي جلد ڪرايا ويندا هن چيو آهي ته نگران سيٽ اپ کي ياداشت ڪرايو آهي ته ٻاڙ ۾ مافيا ملوث آهي سڀني سان ڳالهايو آهي اسان ٻاڙ جي ڪوٽ واري عمل جي مذمت ڪريون ٿا تعليم ۾ ڪوتاهيون ٿيون آهن سنڌ حڪومت اسڪول بند ڪيا آهن اسان جي ڪوشش آهي ته اسڪولن کي بند ڪرڻ بدران نوان استاد ڪنيا وڃن جام اڪرام الله ڌاريجو وڌيڪ چيو آهي ته 8 فيبروري تي پ پ ڪامياب ٿيندي ان موقعي تي پ پ اميدوار جام اڪرام الله ڌاريجو سان گڏ معزز شخصيت حاجي احمد زمان خان مهر عزيز رحمان خان مهر شير محمد خان مهر ۽ ٻيا گڏ هئا.

بقايا سنڌيار 02

غريب عوام کي ووٽ جي طاقت سان اليڪشن ۾ غريب عوام ۽ سنڌ دشمن ذهنيت کي شڪست ڏيڻ گهرجي اهڙن خيالن جو اظهار عوامي تحريڪ پاران پي ايس 70 جي صوبائي اسيمبليءَ جي اميدوار ايڊووڪيٽ محمد فاضل زئور تڪ جي مختلف ڳوٺن ۾ ڪارنر گڏجاڻين کي خطاب ڪندي ڪيو هن وڌيڪ چيو ته سنڌ کي وڏن خطرناڪ درپيش خطرن ۽ سنڌ دشمن منصوبن کان بچائڻ لاءِ سنڌ جي عوام کي وڏيرن جي ڪوڙن دلاسن مان نڪري اليڪشن واري ڏينهن ڳليل تي ٺپو هڻي پنهنجو پاڻ کي ڪامياب ڪري سنڌ کي نيلام ڪندڙن کي دفن ڪرڻ گهرجي انهي موقعي تي عوامي تحريڪ جي ضلع اڳواڻن سوما رهاليپوٽو مختيار بڪاري جيوو ڪولهي مهراڻ درس فاضل هاليپوٽو محبت ايڊووڪيٽ اياز هاليپوٽو ۽ ٻين به خطاب ڪيو

بقايا سنڌيار 03

پارٽي جي وفاقي جنرل سيڪريٽري قلهي عوامي تحريڪ جي اڳواڻ ادريس لغاري عوامي جمهوري پارٽي جي اڳواڻ ڊاڪٽر اسلم پروين روشن ڊيموڪريٽڪ فرنٽ جي وفاقي صدر عاليه بخشل پروهيت مزاحمت تحريڪ جي جنرل سيڪريٽري نثار لغاري سنڌ هاري ڪاميٽي جي اڳواڻ ثمر جتوئي نيشنل پارٽي سنڌ جي صدر ڪامريڊ تاج مري وطن دوست جمهوري پارٽي اڳواڻ عرض رتق طبقاتي جدوجهد جي اڳواڻ ايڊووڪيٽ نثار چانڊيو آئي ايم ٽي اڳواڻ علي عيسي بي آر ايس ايف سنڌ جي جنرل سيڪريٽري علي احمد سميت ٻين سياسي سماجي شخصيتن خطاب ڪيو اڳواڻن احتجاج ڪندڙن سان مخاطب ٿيندي چيو ته ملڪ جي قيام کان رياست بلوچستان مٿان هڪ جنگ مڙهي آهي ۽ اڄ به ان کي بدترين بيلڪيت وانگي هلايو پيو وڃي وسيلن سان مالا مال هن خطي جي عوام جي ٻهراڙي ۾ 80 سيڪڙو کان مٿي ماڻهو غربت جي ليڪ کان هيٺ پيا رهن، ان سان گڏ سياسي ڪارڪنن کي کنيي گم ڪرڻ واري رياستي پاليسي جو سڀ کان گهڻو شڪار بلوچستان رهيو آهي هن چيو ته اهڙي حالت ۾ جڏهن بلوچستان منجهان ڪا به خبر ٻاهر نه پئي نڪتي ته مهرنگ ۽ سمي بلوچ جي اڳواڻي ۾ بلوچستان جون بهادر ڌيئرون ۽ ڀيڻ پنهنجي خبر بڌجي اسلام آباد پهچي ويا جي ڀيرين کين اچڻ ڪونه ٿي ڏنو ويو پوءِ رڙي سياري جي سخت رات جو مٿن ٿڌو پاڻي اڇليو ويو کين زبردستي واپس موڪلڻ جي ڪوششون ڪيون ويون بلوچ ڪارڪنن کي گرفتار ڪيو ويو احتجاج ڪندڙن جون گهرون آئيني ۽ قانوني آهن پر حالت اها آهي ته بلوچ يڪجهتي ڪاميٽي جي قيادت ۾ اسلام آباد منجهه لڳل پرامن ڌرڻو ۽ رياست کان برداشت نه ٿو ٿئي، نه صرف ايترو پر جيڪو ملڪ جي ٻين حصن ۾ ساڻن يڪجهتي طور احتجاج ڪري ٿو ته رياست ان مٿان به ڪيس لاڳو ٿي ڪري اڳواڻن چيو ته سنڌ جو شعور پرامن بلوچ مزاحمت سان گڏ رهيو آهي ۽ رهندو رياستي جبر ۽ ڪوڙي پروپيگنڊا مظلوم قومن ۽ محڪوم طبقن جي پاڻ ۾ اتحاد کي نه ٿي ٽوڙي سگهي هنن زور ڏيندي مطالبو ڪيو ته بلوچستان کي رت ۾ وهنجارڻ ڊيٿ اسڪواڊ جي رياستي پٺ ڀرائي ۽ بلوچن جي نسل ڪشي بند ڪريو سموري ملڪ منجهان سياسي سماجي ڪارڪنن کي کنيي گم ڪرڻ بند ڪيو ۽ بلوچ يڪجهتي ڪاميٽي جي مطالبن کي قبول ڪريو

بقايا سنڌيار 04

اعوان رات جي اونداهي ۾ اسان جي گهرن ۾ ڌاڙيلن وانگر ڪاهه ڪري عورتن مردن معصوم ٻارڙن تي بلاجواز تشدد جو نشانو بڻائي هڪ عورت گلابي زال غاضي خاصخيلي غاضي خاصخيلي سجاول خاصخيلي ۽ هڪ معصوم ٻار کي کنيي ڪٺي ويا آهي ۽ قرباني جي عيد لاءِ رکيل 30 چيلا سونا زيور 7 لک روڪ رقم ۽ ٻاڙ سان گڏ کڻي ويا آهن هنن چيو ته پوليس سان گڏ شيرو خاصخيلي علي حسن حاجي خاصخيلي عيدو خاصخيلي سليمان نظر محمد خاصخيلي سميت ٻه ڏل پيا ۽ هئا هنن وڌيڪ چيو ته ساران ڏي حيدر خاصخيلي نوجوان علي حسن خاصخيلي سان سيشن ڪورٽ ميرپورخاص جي عدالت ۾ 18/1/2024 تي پيار جي شادي ڪئي آهي جنهن جا قانوني طور ثبوت

بقايا سنڌيار 08

شڪارپور پاران پيزا فيم تي يوم تشڪيل انجمن جي مناسبت سان عشق مصطفيٰ طلباءَ سيمينار منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ انجمن طلباءِ اسلام جي عهديدارن ميمبرن سابقين شرڪت ڪئي ۽ انجمن طلباءِ اسلام شڪارپور 56 سال مڪمل ٿيڻ تي روشني وڌي تقريب جي صدارت صاحبزاده حافظ فضل الله نوراني رهنما انجمن طلباءِ اسلام صوبه سنڌ ڪئي ان موقعي تي مهمان خاص زبير احمد ميمڻ ڪامران رضا عطاري جنرل سيڪريٽري انجمن طلباءِ اسلام صوبه سنڌ پڻ شرڪت ڪئي ان موقعي تي عبدالغفور مصطفائي مولانا خالد حسين حسيني مولانا صبغت الله قادري قاري محمد اطهر الدين قادري ايڊووڪيٽ خالد حسين شيخ راجد علي سلطاني ۽ ٻين شرڪت ڪئي

بقايا سنڌيار 09

تيز ڪري ڇڏيون تڪ جي عوام پاران ساڻائتي موٽ ملڻ لڳي تڪ جي دوري دوران عوامي پريس ڪلب ۾ پي ايس 71 تي آزاد اليڪشن ڪندڙ سردار انور ملاح پريس ڪانفرنس ڪندي چيو منهنجو منشور آهي ته عوام کي بنيادي سهولتون ملي سگهن اڳوڻي ايم پي اي عوام کان ڪوڙن آڏرن ذريعي جيڪا لٽ مار ڪئي اها ڪنهن کان لڪل نه آهي 15 سالن ۾ ڪوب ترقياتي ڪم نه ٿيو پئسا هڙپ ٿي ويا آئون چاهيان ٿو عوامي حڪومت هجي ۽ عوام جا جائز مسئلا حل ٿين جنهن کان پوءِ عوامي پريس ڪلب اڳيان سجاول جو نوجوان راشد ملاح جي قتل خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن ۾ اڳواڻن چيو پوليس خلاف جڊيشنل انڪوائري ڪري انصاف ڪيو وڃي انهي موقعي تي پهلوان جاڙو ملاح ڪامريڊ بچل ملاح وزير ملاح ميهار ملاح ادريس ملاح علي محمد ملاح ممتاز ملاح نور احمد ملاح ۽ ٻيا موجود هئا

بقايا سنڌيار 10

مير موڙ واسي گڏتي جوڳي حالت ۾ حيدرآباد ريفر خبر موجب: ساماروپر سامر بن الڳ الڳ روڊ حادثن ساماروپر سان ڪنري روڊ دريا خان دل رستي تي ڪار کي بچائيندي جهڏ شهر جي مير موڙ واسي ڪولهي برادري سان تعلق رکندڙ سان روڊ حادثو ٿيڻ جي نتيجي ۾ 45 سالن والو ولد ڪيرو ڪولهي 43 سالن ٽيڪم، 40 سال مرڳان زال والو ڪولهي زخمي ٿي پيا جن کي تعلقه اسپتال سامارو آندو ويو ، ٻئي طرف رليڊاد پلي لڳ جهونن پلي اسٽاپ تي سامارو روڊ واسي 50 سال وسايو ولد چنو اوڏ پڻ موٽر سائيڪل تان ڪري سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي تعلقه اسپتال سامارو آندو ويو ، چئني زخمين کي فسٽ ايڊ ڏنو ويو جڏهن ته جهڏو شهر جي مير موڙ واسي ٽيڪم ڪولهي کي وڌيڪ ڌڪ لڳڻ سبب حيدرآباد ريفر ڪيو ويو آهي، ڪولهي برادري جي زخمين مطابق اسان عمرڪوٽ مان ٺر شادي تي وڃي رهيا هئاسين، ته سامارو لنڪ دريا خان دل رستي تي ڪار کي بچائيندي ڪري پيا آهيون

بقايا سنڌيار 11

تي آزاد اميدوار ملڪ چنگيز خان ٿاڻي بولا خان ۾ سٽي جي اليڪشن آفيس جو افتتاح ڪرڻ وقت گڏ قبل سوين ماڻهن جي ميڙ کي خطاب ڪندي ڪيس ان موقعي تي سماج سڌارڪ شيخ عبدالله ڪوهستاني پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته اسان چاهيون ٿا ته ڪوهستان جا ماڻهو سجاڳ ٿي پنهنجو ووٽ پنهنجي مرضيءَ مطابق ڏين زوري ووٽ وٺڻ واري وڏيرڪي سسٽم کي ڪوهستان مان ۽ پي ايس 79 جي تڪ مان ختم ڪرڻ چاهيون ٿا هن چيو ته 2018/جي چونڊن ۾ جڏهن توهان 19/20 جي فرق تي ووٽ ڏنا ۽ صديءَ جي اقتدار ڪانپوءِ توهان کي بولا خان جو لڪ ٿهي ملي رهيو آهي اهي سڀ آزاد ووٽ جا فائدا آهن ان موقعي تي سوين سجاڳ نوجوانن کان علاوه رئيس نبي بخش خان بالاري صحافي عباس بالاري علي نواز بالاري [illegible]

ايگزيڪيوٽو انجنيئر پراونشل هاءِ ويز ڊويزن سکر

No. TC/G-55/92 of 2024 سکر تاريخ 17/01/2024

# مهربند واڪ گهرائڻ جي دعوت

ٽينڊر جاري/وصول ڪرڻ ۽ کولڻ جو شيڊول

ايگزيڪيوٽو انجنيئر پراونشل هاءِ ويز ڊويزن سکر

INF-KRY-162/2024